آسان سنڌي ڪتاب

ستين ڪلاس لاءِ

سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ، ڄام شورو

www.perfect24u.com

هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ، ڄام شورو سنڌ وٽ محفوظ آهن.
سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ، ڄام شورو پاران تيار ڪيل ۽ تعليم کاتي جو، سنڌ صوبي لاءِ واحد درسي ڪتاب طور منظور ڪيل.
ڪتابن جي نصاب جي جائزي واري قومي ڪاميٽيءَ جو سڌاريل

نگران اعليٰ: **آغا سهيل احمد**
چيئرمين، سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ

نگران: **اويس ڀٽو**

ليکڪ: **سيد قادر بخش شاهه**
سيد شاهه محمد شاهه

ايڊيٽر: **اويس ڀٽو**

پروف ريڊر: **جمشيد احمد جوڻيجو**

ڪمپيوٽر گرافڪس: **نورمحمد سميجو**

ڪمپيوٽر ڪمپوزنگ: **دانش ٻبر**

www.perfect24u.com

فهرست

سبق نمبر	عنوان	صفحو نمبر
.1	حمد .... (نظم)	5
.2	پاڻ سڳورنﷺ جو پاڙيسرين سان ورتاءُ	6
.3	حضرت علي ڪَرَم اللهُ وَجُهَه' جي مهمان نوازي	8
.4	سوات جي ماٿري جو سير	11
.5	نعت .... (نظم)	14
.6	انصاف	15
.7	ڳوناٽي زندگي	17
.8	جنديءَ جو ڪم	20
.9	اخلاقي قدر .... (نظم)	22
.10	ٽيليفون	23
.11	ابن بطوطہ جو سنڌ جو سفر (سفرنامو)	25
.12	سُنو شهري	27
.13	حُب الوطني .... (نظم)	29
.14	وڏن جو چيو مڃجي	30
.15	ٽرئفڪ جا اُصول	32

www.perfect24u.com

صفحو نمبر	عنوان	سبق نمبر
35	هاري .... (نظم)	.16
37	مخدوم نوحؒ (هالن وارو)	.17
39	مليريا	.18
41	ايڪو زنده باد .... (نظم)	.19
43	بهادر ماءُ	.20
45	شمس العلماء ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽو	.21
47	فطرت جو اپياس	.22
49	سيوهڻ	.23
51	ٻن ٻلين جي ڳالهه .... (نظم)	.24
53	خلق جي خدمت	.25
55	صحت جي سنڀال	.26
57	اُپت ۽ خرچ	.27
60	سوپ جي خوشي	.28
62	ڏاهو هاري	.29
64	دُعا .... (نظم)	.30

www.perfect24u.com

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

سَبق پهريون

حمد



ڌڻي! تو بنائي عجب هيءَ خدائي،
سدا توکي سائين! ٿي سونهين وڏائي.

سوين جَڳ ۾ ڏسجن ٿا، نرمل نظارا،
ڪيئي پيدا سج چنڊ، تارا ستارا،
ڪِڙي جڳ سڄي تي، جي ڪَن روشنائي.

ڪٿي مان ڪرين ٿون، ٿو انبار ڪيڏا!
ٿين ننڍڙي داڻي مان گلزار ڪيڏا!
عجب تنهنجي قدرت بي انتهائي

صفت هر ڪنهين شيءِ جي آهي نرالي،
نہ حڪمت کان هرگز، آهي ڪابہ خالي،
چڱي آهي سيڪا، تو جيڪا ٻڌائي

- حافظ محمد ”احسن“

مشق

1. هيٺين سوالن جا جواب لکو:

(الف) سج، چنڊ ۽ تارا ڪنهن پيدا ڪيا آهن؟
(ب) اسان کي الله تعاليٰ جي ساراهہ ڇا لاءِ ڪرڻ گهرجي؟

2. ”ڪٿي مان ڪرين ٿون ٿو انبار ڪيڏا“ جومطلب ٻڌايو:

3. هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:

سائين	ڪٿي	انبار	چڱي	روشنائي

www.perfect24u.com

پاڻ سڳورنﷺ جو پاڙيسرين سان ورتاءُ

حضرت مُحمد مصطفيٰ صَلَّي الله عَلَيه وآلهِ وَسَلَّمَ جَن کان وڌيڪ، انسان ذات جو ٻيو ڪوبہ همدرد ۽ هڏ ڏوکي ڪونہ آهي. پاڻﷺ هر طرح جون تڪليفون سهي، الله تعاليٰ جو موڪليل پيغام، ماڻهن تائين رسايائون. هر هڪ ڪم عملي طرح ڪري، ماڻهن کي سمجهايائون تہ ڪين ڪهڙيءَ ريت زندگي گذارڻ گهرجي، جنهن سان انهن جي دنيا توڙي آخرت جي ڀلائي ٿئي. ڪين انسان ذات لاءِ وڏي عزت هئي. وڏي توڙي ننڍي، امير توڙي غريب سان نهايت پيار ۽ محبت سان پيش ايندا هئا. پاڻ سڳوراﷺ پاڙيوارن جو سڀ کان وڌيڪ خيال رکندا هئا.

هڪ ڀيري حضرت بيبي عائشه رضي الله عنها، حضورﷺجن کان پڇيو تہ "منهنجون ٻہ پاڙيواريون آهن، انهن مان سوڪڙيون يا تحفو ڪنهن کي ڏيان؟" پاڻ فرمايائون "جنهن جي گهر جو دروازو تنهنجي گهر جي ويجهو هجي." ٻي روايت ۾ آهي تہ پاڻﷺ فرمايائون تہ "اهو مؤمن نہ آهي جيڪو پاڻ تہ ڍاول هجي ۽ سندس پاڙيوارو بُکيو رهي." سندس اهو بہ فرمان آهي تہ "جيڪو خدا ۽ قيامت جي ڏينهن تي ايمان رکي ٿو، تنهن کي گهرجي تہ پنهنجي پاڙيسريءَ جي عزت ڪري."

هڪ ڀيري پاڻ سڳورنﷺ فرمايو تہ "جڏهن بہ ڪا شيءِ گهر ۾ آڻيو تہ پاڙيوارن کي بہ ان مان موڪليو. جيڪڏهن شيءِ ٿوري هجي تہ ان جون گلون گهر کان ٻاهر نہ ڇڏيو، متان پاڙيسرين جا ٻار اُهي ڏسي روئين."

هڪ روايت آهي تہ پاڻ سڳوراﷺ اصحابن سان گڏ وينا هئا. پاڻﷺ ٽي ڀيرا فرمايائون "خدا جو قسم اهو مؤمن نہ آهي." اصحابن عرض ڪيو "يارسول الله! ڪير؟" پاڻﷺ جواب ۾ فرمايائون "جنهن جي شرارتن کان پاڙيسرين کي تڪليف پهچي."

www.perfect24u.com

حضرت بيبي عائشه رضي الله عنها کان روايت آهي تہ پاڻ سڳورنؐ فرمايو تہ ”جبرئيل عليه السلام پاڙيسرين جي حقن بابت ايتري قدر تاڪيد ڪيو آهي، جو مون سمجهيو تہ ڪٿي ڪين ورثي جو حق نہ ڏياريو وڃي.“

مٿي بيان ڪيل روايت مان معلوم ٿئي ٿو تہ پاڻ سڳورنؐ ڪي پاڙيسرين لاءِ تمام گهڻو پيار ۽ عزت هئي. اسين بہ جيڪڏهن پنهنجي پاڙيسرين سان حضورؐ جن جي ڏنل تعليم موجب ورتاءُ ڪريون تہ هوند سڀ جهيڙا جهٽا ختم ٿي وڃن. نفرت ۽ حسد جي پاڙ پٽجي وڃي.

مشق

1- هيٺين سوالن جا جواب لکو:

(الف) پاڻ سڳوراؐ ڪهڙي قسم جي ماڻهوءَ کي مؤمن نٿا سڏين؟

(ب) حضورؐ جن خدا ۽ قيامت جي ڏينهن تي ايمان جي ڪهڙي نشاني بيان ڪئي آهي.

(ج) پاڙيوارن سان سُٺي هلت هلڻ ڪري ڪهڙو فائدو ٿيندو؟

2- هيٺ ڏنل ٽڪري مان اهڙا فعل ڳوليو، جن مان خبر پوي تہ اهو ڪم گذريل وقت ۾ ٿيو آهي؟

”الله تعاليٰ تمام وڏو مهربان آهي،جنهن اسان ڏانهن حضرت مُحمد صَلَّي الله عَلَيه وآلهِ وَسَلَّمَ جَن کي پيغمبر ڪري موڪليو. پاڻ سڳورا ڏاڍا رحمدل هئا. پاڻ پاڙيوارن جي ڏاڍي عزت ڪندا هئا.“

www.perfect24u.com

سَبق ٽيون

حضرت علي ڪَرَّمَ اللّٰهُ وَجهَه‘ جي مهمان نوازي

اسلامي تعليم ۽ نَبِي ڪريم صَلَّي الله عَلَيه وآلهٖ وَسَلَّمَ جَن جي تربيت پاڻ سڳورنؐ جي ساٿين تي تمام گهرو اثر ڪيو هو. جن ماڻهن اسلام قبول ڪيو، تن جا سنا گُڻ پاڻ وڌيڪ چمڪيا. انهن مسلمانن کي هر وقت الله تعاليٰ جي رضامنديءَ جو خيال هوندو هو. هو ڪوبہ ڪم دنيوي مطلب لاءِ ڪونہ ڪندا هئا. انهن جون دليون قربانيءَ جي جذبي سان ڀرپور هونديون هيون. هو پنهنجي گُهرجن کي ٽاري بہ ٻين ضرورتمندن جي مدد ڪرڻ لاءِ هر وقت تيار رهندا هئا. انهن جو اهو عمل الله تعاليٰ کي ڏاڍو پسند آيو. قرآن مجيد ۾ اهڙن سخين جي تعريف هن طرح بيان ڪيل آهي. ”سخي اُهي آهن جيڪي ماڻهن کي الله جي خوشنودي حاصل ڪرڻ لاءِ کارائين ٿا ۽ انهن کان کاڌي جي عيوض ڪابہ قيمت نٿا وٺن ۽ نڪي انهن تي ٿورو ٿڦين ٿا.“

www.perfect24u.com

هونئن تہ سڀ صحابي هڪ ٻئي کان وڌيڪ سخي ۽ مهمان نواز هئا. پر حضرت علي ڪَرَّمَ اللهُ وَجههٗ پنهنجو مَٽُ پاڻ هئا. اهڙا ڪيترائي موقعا ٿيا جو سندن آڏو ڪاڌو آندو ويو ۽ پاڻ اجا ڪائڻ وارا ئي هوندا هئا، تہ ڪو نہ ڪو مسافر يا مهمان اچي نڪرندو هو، اهڙي حالت ۾ پاڻ بُکيا رهي، اهو ڪاڌو مهمان کي کارائي خوش ٿيندا هئا.

هڪ ڀيري وٽن گهر ۾ ڪائڻ لاءِ ڪابہ شيءِ موجود ڪا نہ هئي. پاڻ ڪنهن يهودي جي باغ ۾ مزوري ڪرڻ ويا. پورهئي جي عيوض ڪين ڪَتل ملي. ان مان ڪجهہ ڪَتل وڪڻي سيڌو وٺي آيا. جڏهن ڪاڌو نهي تيار ٿيو، تڏهن هڪ مهمان اچي نڪتو. پاڻ اهو سمورو ڪاڌو مهمان کي کارائي ڇڏيائون. پنهنجن ٻارن کي باقي بچيل ڪَتَل ڪائڻ لاءِ ڏنائون. ان موقعي تي فرمايائون تہ ”الله جو شڪر آهي، جو مون کي ايتري مزوري ملي ۽ آءٌ سندس طرفان موڪليل مهمان جي خدمت ڪري سگهيس.“

هڪ ڀيري ائين بہ ٿيو جو پاڻ جَوَن جي سُڪل ماني ڪاڈائون، پر تازي ۽ سٺيي ماني هڪ مهمان کي کارايائون.

حضرت علي ڪَرَّمَ اللهُ وَجههٗ جي مهمان نوازي واري انهيءَ صفت ڪري، نبي صَلَّي الله عَلَيه وآلهٖ وَسَلَّمَ جن کيس ”ڪريم“ سڏيو آهي. حضورؐ جن فرمايو تہ ”دنيا ۾ سخين جا چار قسم آهن، جن مان سڀ کان اُتم درجي واري سخيءَ کي ”ڪريم“ سڏجي ٿو. ڪريم اهو شخص آهي، جيڪو پاڻ بُکيو اُڃيو رهي بہ مسافرن، مهمانن، يتيمن ۽ بيواهن کي ڪاڌو کارائيندو ۽ پاڻي پيارِيندو.“

اسان جو فرض آهي تہ اسلامي تعليم جي روشنيءَ ۾ محتاجن ۽ مسڪينن جي پرگهور لهون.

www.perfect24u.com

مشق

1- هيٺين سوالن جا جواب لکو:

(الف) سخين جي قرآن مجيد ۾ ڪهڙي تعريف ٿيل آهي؟

(ب) حضرت علي ڪَرَّمَ اللّٰهُ وَجُهَهُ' ڪهڙي طرح مهمانن جي سنڀال ڪندا هئا.

(ج) نَبِي صَلَّي الله عَلَيه وآلهِ وَسَلَّمَ جن حضرت علي ڪَرَّمَ اللّٰهُ وَجهَهُ' جي سخاوت بابت ڇا فرمايو آهي؟

(د) اسان کي گهُرجائن جي ڪهڙي طرح مدد ڪرڻ گهرجي؟

2- هيٺ ڏنل لفظن مان مناسب لفظ چونڊي خال ڀريو:

(الف) پاڻ ڪنهن يهوديءَ جي .... ۾ مزوري ڪرڻ ويا.

(ب) پورهئي عيوض کين .... ملي.

(ج) ان مان ڪجهه ڪَتَل وڪڻي.............. وٺي آيا.

(د) جڏهن ڪاڏو نهي تيار ٿيو، تڏهن هڪ .... اچي نڪتو.

3- هيٺيان لفظ پنهنجن جملن ۾ استعمال ڪريو:

مهمان نوازي   ضرورتمند   قرباني   محتاج   ڪريم

www.perfect24u.com

سوات جي ماٿريءَ جو سير

قسمت سانگي پاڻ سوات ماٿريءَ جي مرڪزي شهر ’سيدو شريف‘ ۾ اچي نڪتا آهيون. سوات پاڪستان جي اُتر اُلهندي طرف نهايت سرسبز ۽ خوبصورت ماٿري آهي. هن واديءَ جي سُونهن ۽ سوڀيا جي هاڪ ٻُڌي

ڪيترائي سيلاني سير ۽ سفر لاءِ هتي ايندا آهن. پاڻ به چونڊ پهريائين ’سيدو شريف‘ چڱيءَ طرح گهمي ڏسون. ان بعد سوات جي ٻين ڏسڻ جهڙن هنڌن جو به سير ڪريون.

سيدو شريف هن واديءَ ۾ مکيه ۽ مرڪزي شهر آهي. هتي سوات جي اڳوڻي واليءَ جو محل ڏاڍو ناهوڪو نهيل ٿو ڏسجي. هيءَ جامع مسجد آهي. اڏاوت ته انهيءَ جي به شانائتي آهي. هوءَ وڏي جاءِ ڪاليج آهي. چوڌاري ساون وڻن ۽ ميويدار باغن ته شهر جي رونق ٻيڻي ڪري ڇڏي آهي. هاڻي پاڻ ڪي ”مينگورا“ هلڻ گهرجي.

www.perfect24u.com

اِجھو، مينگورا اچي ويو. هيءُ واديءَ جو ٻيو نمبر وڏو شهر آهي. هيءُ به ناهوڪو شهر تو ڏسجي! چوڏاري سهڻا باغ اٿس عمارتون ۽ بازارون سنيءَ سٺاءَ سان اڏيل اٿس. هتي هوٽل به ناهوڪا آهن. اهي گورا ماڻهو شايد ڪنهن ٻئي ملڪ مان سير سانگي هتي آيا آهن.

هاٽي پاڻ کي "بحرين" هلڻو آهي. رستي جي ٻنهي ڪنارن تي ڪيڏي نه ساوڪ آهي. ٽڪرين تي ڊگها وڻ ۽ تراين ۾ باغ ڪهڙا نه خوبصورت پيا لڳن. جبلن تان وهندڙ نهرن توڙي چشمن جو پاڻي به ڏاڍو صاف ۽ چمڪندڙ آهي. ٽڪرين جي ڪنارن تي رڍون نرم ۽ نازڪ گاهه مزي سان پيون چرن. ڪٿي ڪٿي ڪي باغائي به باغن ۾ ڪم ڪندي نظر پيا اچن. هن ماٿريءَ جي زمين گهڻي ڀاڱي پٿريلي آهي. ان ڪري پوک مڙئي گهٽ نظر اچي ٿي. هن وقت به هتي جي آبهوا وڻندڙ آهي. سياري ۾ هن واديءَ ۾ سخت ٿڌ پوندي آهي.

هتي صوفن ۽ انگورن جا اعليٰ درجي جا باغ پيا ڏسجن. شهر ۾ هلڻ کان اڳ هن باغ جو چڪر ڏيندا هلون. هتي جا صوف ڪوئيٽا ۽ قنڌار جي صوفن کان گهڻو وڏا ۽ سوادي آهن. هن واديءَ جا ماڻهو مهمان نواز ۽ قربائتا ٿا ڏسجن. هن باغائيءَ پنهنجي ڪيتري نه آجيان ڪئي آهي!

بحرين شهر به خوبصورتيءَ ۾ گهٽ ڪونه آهن. هن آبشار تي پن چڪي پيئي هلي. هتي جو نظارو به من موهيندڙ آهي. هن ماٿريءَ ۾ وسنديون نه گهڻي ئي آهن، پر "ڪالام" ڏسي واپس ورنداسون.

ڪالام به ڏسڻ وٽان آهي. هن کي چوڏاري پهاڙن تي ٻيلن ديال جي ڊگهن وڻن ڍڪي ڇڏيو آهي. هتي جي رهاڪن جو خاص ڌنڌو ڪاٺ وڍڻ تو ياڻئجي.

سج پويون تي ويو آهي. هاٽي پاڻ کي جلد واپس هلڻ گهرجي رات 'سيدو شريف' ۾ رهي، صبح جو واپس ڳوٺ ڏانهن هلنداسون.

www.perfect24u.com

مشق

1- هيٺين سوالن جا جواب لکو:

(الف) سوات ماٿريءَ ۾ ڪهڙا مکيہ شهر آهن؟
(ب) هن واديءَ ۾ ڪهڙا ميوا ٿين ٿا؟
(ج) هتي جي خاص معدني پيداوار ڪهڙي آهي؟
(د) ڪالام شهر جي چوڌاري ڪهڙا وڻ آهن؟

2- هيٺ ڏنل لفظن مان مناسب لفظ چونڊي خال ڀريو:

ڪٿي ڪالهہ هتي ڪونہ ٿي

(الف) اڄ ڇنڇر آهي................. جمعو هو.
(ب) منهنجو ڀاءُ اڄڻو هو پر........... آيو.
(ج) هن آبشار .... پڻ چڪي پيئي هلي.
(د) توکي .... رهڻ جي اجازت ناهي.

3- هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ پنهنجن جملن ۾ استعمال ڪريو:

ماٿري	ناهوڪو	ڏنڊو	موهيندڙ	پٿريلي

4- هيٺين لفظن جا ضد لکو: جيئن: اڳيون ——— پويون

سخت شهر اُتر خاص زمين

www.perfect24u.com

سَبق پنجون

نعت

خدا سيني جو ڪيو سردار احمدﷺ
نبيّن جو سپهه سالار احمد.

وڏو طالع انهن جو بخت بالا،
ڏٺيءَ جنهن جو ڪيو مهندار احمد.

غلامن جون لهي سارون سنڀارون،
غريبن جو سدا غمخوار احمد.

قيامت جو اسان کي خوف کهڙو،
شفاعت جو ڪيو اقرار احمد.

الاهي منهنجو ڪر هي عرض مقبول،
اچي اوکيءَ ۾ ٿئي آذار احمد.

مشق

1- هينين سوالن جا جواب لکو:

(الف) نبيّن جو سپهه سالار ڪير آهي؟
(ب) شاعر ڪهڙي عرض مقبول ٿيڻ جي دعا ٿو گهري؟

2- هينين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:

ڏٺي	مهندار	اوکي	آذار	سپهه سالار

www.perfect24u.com

انصاف

جنهن زماني ۾ سنڌ تي مرزا شاهه حسن ارغون راڄ ڪندو هو، ان وقت سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ بکر هو. مرزا شاهه حسن جي علم ۽ انصاف جون ڳالهيون ٻڌي، ايران جي شهر شيراز مان هڪ سيد شڪرالله نالي بکر ۾ آيو. مرزا شاهه حسن سندس قابليت ڏسي کيس بکر جو وڏو قاضي مقرر ڪيو. سيد صاحب هن عهدي کي ايترو ته سچائيءَ ۽ انصاف سان هلايو، جو اڄ به سندس نالو پيو ڳائجي.

اُن وقت هڪ سوداگر، عرب مان عمدا گهوڙا خريد ڪري بکر ۾ واپار جي سانگي آيو. مرزا شاهه حسن کي گهوڙا پسند ڪري خريد ڪيا ۽ حڪم ڪيائينس: ”گهوڙن جي قيمت وڃي خزانچيءَ کان وٺ.“

ٻئي ڏينهن صبح جو سوداگر قيمت وٺڻ لاءِ خزانچيءَ وٽ ويو. پر کيس ڪابه رقم نه ملي. سوداگر بادشاهه جي دربار ۾ ويو، پر کيس اُتان به ڪو سنئون جواب نه مليو. لاچار ٿي هو شهر جي قاضيءَ وٽ وڃي فريادي ٿيو. قاضيءَ سندس فرياد ٻڌي، مرزا کي چوائي موڪليو، ”عدالت ۾ اچي حاضر ٿيءُ.“ ان وقت بادشاهه کي عدالت ۾ حاضر ٿيڻ جو حڪم ڏيڻ سولي ڳالهه نه هئي. ڪنهن کي مجال جو اهڙي گستاخي ڪري سگهي! ماڻهن کي قاضيءَ جي حڪم تي ڏاڍو عجب لڳو، پر مرزا حسن عدالت ۾ وڃي حاضر ٿيو. قاضي ادب لاءِ نه پنهنجي جاءِ تان اُٿيو ۽ نه وري کيس ويهڻ لاءِ آڇ ڪيائين. لاچار بادشاهه به فريادي سان گڏ بيهي رهيو. قاضيءَ بادشاهه کان سوداگر جي فرياد بابت جواب گهريو. بادشاهه گهوڙن جي خريداريءَ کي قبول ڪيو ۽ هڪدم پئسن ڏيڻ جو واعدو ڪيو.

جڏهن فيصلو ٿي چڪو، تڏهن قاضي پنهنجي جاءِ تان اُٿيو ۽ بادشاهه کي ادب سان سلام ڪري چيائين ”بادشاهه سلامت! انصاف لاءِ ضروري هو ته مان اوهان کي عدالت ۾ گهرايان. جڏهن اوهان عدالت ۾ آيا، تڏهن انصاف لاءِ اوهان جو فرياديءَ سان گڏ بيهڻ به ضروري سمجهيم، هاڻي جڏهن ته فيصلو ٿي چڪو آهي، تڏهن هوءَ متانهين جاءِ اوهان لاءِ آهي ۽ آءٌ خادم آهيان.“

www.perfect24u.com

مزار شاهه حسن، سندس انصاف ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ گهڻوئي انعام ڏنائينس.

مشق

1- هيٺين سوالن جا جواب لکو:

(الف) سيد شڪرالله ڪٿي جو قاضي هو؟
(ب) گهوڙن جو سوداگر وٽس ڪهڙي فرياد ڪٺي آيو؟
(ج) مرزا شاهه حسن ڪي قاضي عدالت ۾ ڇو گهرايو؟
(د) قاضيءَ ڪهڙو فيصلو ڏنو؟
(هـ) فيصلي کان پوءِ هن مرزا شاهه حسن کي ڇا چيو؟

2- هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:

راڄ	سانگي	سنئون	آڇ	متانهين

3- هيٺين لفظن مان مناسب لفظ چونڊي خال ڀريو:

بکر سوداگر فرياد فيصلو انصاف

(الف) ٻئي ڏينهن صبح جو .... قيمت وٺڻ لاءِ خزانچيءَ وٽ ويو.
(ب) مرزا شاهه حسن، سندس .... ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو.
(ج) ان وقت سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ .... هو.
(د) جڏهن .... ٿي چڪو، تڏهن قاضي پنهنجي جاءِ تان اُٿي بيٺو.
(هـ) قاضي، بادشاهه کان سوداگر جي................. بابت پڇيو.

www.perfect24u.com

ٻوناٽي زندگي

اسان جي ملڪ جي آباديءَ جو گهڻو حصو ٻوٽن ۾ رهي ٿو. ٻوناٽن ماڻهن جا مکيہ ڌنڌا ٻہ آهن: هِڪ ٻني ٻارو ڪرڻ ۽ ٻيو مال ڌارڻ. ان کان سواءِ ڪي واپار ٻہ ڪن ٿا، تہ ڪي وري دڪان بہ هلائين ٿا. ٻوٽن ۾ ڪاريگر بہ هوندا آهن، جهڙوڪ: لوهار، ڪنيار، واڍا ۽ رازا. انهن جا دڪان ڪچهريءَ جا مرڪز آهن.

ٻوناٽا ماڻهو محنتي بہ ڏاڍا هوندا آهن. هاري صبح جو سوير ٻنيءَ تي هليا ويندا آهن. هو اسان لاءِ اَنَ اُپائين ٿا، ڀاڄيون ۽ ميوا پيدا ڪن ٿا. ٻوناٽا صبح کان شام تائين پورهئي ۾ رُڌل رهن ٿا. صاف هوا، نج کاڌي ۽ محنت جي ڪري سندن جسم سگهارا هوندا آهن.

www.perfect24u.com

ڳوٺاڻيون عورتون بہ ڏاڍيون محنتي هونديون آهن. هُو ڪڏهن بہ واندينون نہ ويهنديون آهن. هو گهر جو ڪم ڪار لاهي، رلي ناهڻ ويهي رهنديون، يا ڀرت ڀرڻ ڪي لڳي ويديون. انهيءَ هنر ۾ هو ڏاڍيون ڀڙ هونديون آهن.

ڳوٺن ۾ سڀ ماڻهو هڪ ٻئي کي چڱيءَ طرح سڃاڻن ٿا. هو هڪ ٻئي جي ڏک سُک ۾ شريڪ ٿين ٿا. ڳوٺ جي مسئلن جو حل بہ سڀ گڏجي ڳوليندا آهن. ڳوٺ ۾ ڪو بہ جهيڙو ٿيندو تہ چار چڱا ان جو فيصلو ڪندا آهن.

هاڻي تہ ڳوٺن ۾ بجلي بہ پهچي وئي آهي. ڳوٺاڻن جا ڪکاوان گهر بہ روشن ٿي ويا آهن. بجليءَ جي ڪري ڳوٺن ۾ ننڍيون صنعتون لڳي رهيون آهن. پڪن رستن جي ڪري اچ وڃ جي سهولت ٿي پئي آهي. ڳوٺن ۾ تعليم تي بہ خاص ڌيان ڏنو پيو وڃي. سرڪار بہ ڳوٺن جي ترقيءَ لاءِ ڪوششون ڪري رهي آهي. ڳوٺاڻن هُنرن کي زور وٺائڻ لاءِ گهرو صنعتون قائم ڪيون پيون وڃن.

ڳوٺن ۾ واٽر سپلاءِ رٿائون رائج ڪيون پيون وڃن. انهن رٿائن سان ڳوٺاڻن کي صاف پاڻي مهيا ٿي سگهندو.

ڳوٺاڻا ماڻهو سادا، سچا، بهادر ۽ مهمان نواز آهن. ڪو بہ قول ڪندا تہ اهو ضرور پاڙيندا. توهان کي فطرت جي سونهن ڏسڻي هجي تہ ڪنهن ڳوٺ ۾ هليا وڃو. ڊگها وڻ، ساوين ٻنيون ڏسي روح کي راحت اچي ويندي. سج لهڻ ۽ اُڀرڻ جو نظارو تہ ڏسڻ وٽان هوندو آهي. شام جو مال جي ٽلين، چنگن ۽ چڙن جا سُر پکڙجي ويندا آهن. رات جو تارن جڙيل آسمان ڏسي نيڻ ٺري پوندا آهن. رات جو ڪنهن اوطاق ۾ ڪچهريءَ ۾ وڃبو تہ سڄي ڏينهن جو ٿڪُ لهي ويندو.

www.perfect24u.com

مشق

1- هيٺين سوالن جا جواب لکو:

(الف) اسان جي ملڪ جي آبادي جو گهڻو حصو ڪٿي ٿو رهي؟
(ب) ڳوناٽن جا مکيہ ڌنڌا ڪهڙا آهن؟
(ج) هاري صبح جو ڪيڏانهن هليا ويندا آهن؟
(د) ڳوٺن ۾ جهيڙي جو فيصلو ڪير ڪندا آهن؟

2- هيٺيان لفظ پنهنجن جملن ۾ استعمال ڪريو:

مکيہ	رُڌل	وانديون	ڀَڙ	رٿائون	سُونهن

3- هيٺ ڏنل لفظن مان مناسب لفظ چونڊي خال ڀريو:

مان ۾ تي جا تان

(الف) اسان جي ڳوٺ .... ماڻهو هڪ ٻئي سان پيار ۽ محبت سان رهن ٿا.

(ب) هنن .... ڪوبہ جهڳڙو ڪونہ ٿئي.

(ج) سندن هڪ ٻئي .... گهڻو ڀروسو آهي.

(د) اهي ٿوري گهٽي .... ڪونہ وڙهن.

(هـ) انهن .... گهٽا پڙهيل آهن.

www.perfect24u.com

جنديءَ جو ڪم

ڪانيءَ تي رنگن چاڙهڻ جي هنر کي جنديءَ جو ڪم چئبو آهي. اهو ڪم فقط گول ڪانيءَ تي ٿيندو آهي. آڳاٽي وقت ۾ ڪتن جا پاوا، هندورا، مَنجيون ۽ لڪڻ جنديءَ تي ٺهندا هئا، پر هاڻي ضرورت مطابق ٻيون به ڪيتريون ئي شيون جنديءَ تي ٺهن ٿيون. جيئن ته رانديڪا، ٽنگڻيون، دٻليون، رول، آرسين جا فريم ۽ صوفا وغيره.

جنديءَ لاءِ خاص ٻهڻ ۽ لئي جو ڪاٺ ڪم ايندو آهي. ٻئي ڪاٺ تي رنگ نه چڙهندو. سني ۽ پائدار ڪم لاءِ ٻهڻ جو ڪاٺ ڪم ايندو آهي.

جنديءَ جو ڪم ٻن قسمن جو ٿئي: هڪ لسو، ٻيو گلڪاري. گلڪاريءَ جو خاڪو ۽ هالا نوان ۾ ٿيندو آهي. ڪشمور ۽ لقمان واري جندي سادي ٿيندي آهي. جڏهن ته هالا ۽ خاڪو واري جنديءَ ۾ ڪانيءَ تي رنگن جا ته چاڙهي چُر وانگر گل ۽ نقاشيءَ جون ڊزائنون ظاهر ڪيون وينديون آهن. اهو تيار ٿيل سامان امير توڙي غريب چاهه سان خريد ڪندا آهن.

جنديءَ جو ڪم سنڌ جي قديم هنرن مان هڪ آهي، جيتوڻيڪ هن وقت ٻاهرين ملڪن ۾ جنديءَ جي شين جي طلب وڌي رهي آهي. حڪومت به ٻين هنرن سان گڏ جنديءَ جي هنر کي زور وٺائڻ لاءِ اُپاءَ وٺي رهي آهي. ڀٽ شاهه ۾ ته اهڙن هنرمندن کي خاص ڪالوني اَڏائي ڏني ويئي آهي، ته جيئن جنديءَ جي ڪم جو خاص مرڪز قائم ٿئي.

www.perfect24u.com

مشق

1- هيٺين سوالن جا جواب لکو:

(الف) جنڊيءَ جو ڪم ڇا کي چئبو آهي؟
(ب) جنڊيءَ لاءِ ڪهڙو ڪاٺ ڪم ايندو آهي؟
(ج) جنڊيءَ جي ڪم جا ڪهڙا قسم آهن؟
(د) ڪهڙن شهرن ۾ ڇُر وانگر گل ۽ نقاشي جون ڊزائنون تيار ٿينديون آهن؟

2- هيٺين لفظن مان مناسب لفظ چونڊي خال ڀريو:

جنڊي ڪاٺ سادي ٻهڻ قديم

(الف) جنڊيءَ جو ڪم سنڌ جي .... هنرن مان هڪ آهي.

(ب) ڪشمور ۽ لقمان واري جنڊي .... ٿيندي آهي.

(ج) سني ۽ پائدار ڪم لاءِ .... جو ڪاٺ ڪم آڻيندا آهن.

(د) ڪاني تي رنگن چاڙهڻ جي هنرن کي .... جو ڪم چئبو آهي؟

(هـ) جنڊيءَ لاءِ خاص ٻهڻ ۽ لئي جو .... ڪم ايندو آهي.

3- هيٺيان جملا درست ڪريو:

(الف) حاصل ڪرڻ لاءِ فائدا آهن علم سان.
(ب) جا ماڻهو هنرمند آهن سنڌ.
(ج) شاعر وڏو آهي جو شاهه عبداللطيف سنڌ.
(د) آهي قائداعظم جو پاڪستان باني.

www.perfect24u.com

اخلاقي قدر

ادب اخلاق سان سچ پچ تہ ماڻهو تو ٿِئي ماڻهو،
بِنا اخلاق دنيا ۾ اجايو تو جِئي ماڻهو.

اَدب اخلاق ئي تو ماڻهپو، ماڻهوءَ کي سيکاري،
۽ خوش اخلاق ماڻهو ئي، سَقل تو زندگي گهاري.

ننڍن سان پيار وڏڙن جو ادب، هردم ڪرڻ گهرجي،
نہ وجهي ڪوڙ جي ويجهو، سدائين سچ چوڻ گهرجي.

ٿئي اخلاق سان ئي تو، مٿانهون مانُ ماڻهوءَ جو،
بلند اخلاق جيئن جيئن تيئن اعليٰ شانُ ماڻهوءَ جو.

مشق

1- هيٺين سوالن جا جواب لکو:

(الف) ماڻهو سچ پچ ماڻهو ڪيئن تو ٿئي؟
(ب) بنا اخلاق دنيا ۾ ماڻهو ڪيئن تو جئي؟

2- هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:

اجايو	ماڻهپو	سَقل	مٿانهون	اعليٰ

3- هيٺين لفظن جا ضد لکو: جيئن: زندگي ——— موت

ويجهو ننڍن ڪوڙ پيار

www.perfect24u.com

سَبق ڏھون

ٽيليفون

لفظ ’ٽيليفون‘ ٻن لفظن مان ٺھيل آھي. ٽيلي ۽ فون. ٽيلي جي معنيٰ آھي ’پري‘ ۽ فون جي معنيٰ آھي ’آواز‘. اھڙي طرح ٽيليفون جي معنيٰ آھي ”پري جو آواز“. ٽيليفون ھڪ اھڙي شيءِ آھي، جنھن جي مدد سان پري پري تائين ھڪ ٻئي سان ڳالھائي سگھجي ٿو. ھن ۾ رڳو ھڪ ٻئي جو مُنھن ڪونہ ٿو ڏسجي، باقي ڳالھ ٻولھ اھڙي طرح ٿئي ٿي، جيئن روبرو ڳالھائبو آھي. ٽيليفون سرڪاري آفيسن، دڪانن، ڪارخانن، اسپتالن ۽ ڪاروباري ماڻھن جي گھرن ۽ بنگلن ۾ رکيل ھوندي آھي.

ٽيليفون جو آواز ھڪ ھنڌان ٻئي ھنڌ تائين، تارن ۽ بجليءَ جي وسيلي رسي ٿو. ٽيليفون آفيس ۾ ايڪسچينج بورڊ ھوندو آھي، جتي ھر وقت ماڻھو ويٺو ھوندو آھي، جنھن کي آپريٽر چئبو آھي.

وڏن شھرن ۾ ٽيليفون جو سڌو سنئون سرشتو آھي. ٽيليفون ۾ ھڪ چڪري لڳل ھوندي آھي، جنھن کي ”ڊائل“ چئبو آھي. ان ۾ ٻُڙيءَ کان نَوَن تائين انگ ھوندا آھن، جنھن نمبر تي ڳالھائڻو ھوندو آھي، ان جي نمبر موجب

www.perfect24u.com

ڊائل ڦيرايو ته گهربل نمبر تي گهنٽي وڄندي، اُتي وينل ماڻهو رسيور کڻندو ته ڳالهه ٻولهه ٿي سگهندي.

ٽيليفون اليگزينڊر گرهام بيل نالي هڪ سائنسدان ايجاد ڪئي هئي. سچ ته ٽيليفون ايجاد ڪرڻ واري هيءَ مشين ناهي، ماڻهن لاءِ وڏو سک ڪري ڇڏيو آهي. هاڻي ته ريڊيائي لهرن وسيلي ٽيليفون جي آواز کي هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ تائين رسايو پيو وڃي. انهيءَ مشين کي وائرليس چئبو آهي. انسان اڳتي وڌندي موبائيل فون به تيار ڪري ورتي آهي، جنهن کي کيسي ۾ کڻي هر هنڌ استعمال ڪري سگهجي ٿو.

هر انسان جو فرض آهي ته الله تعاليٰ جي طرفان مليل لياقتن کي، انسان ذات جي ڀلي ۽ خدمت ۾ صرف ڪري.

مشق

1- هيٺين سوالن جا جواب لکو:

(الف) ٽيليفون جو ايجاد ڪندڙ ڪير هو؟
(ب) سڌي سرشتي موجب ٽيليفون ڪيئن ڪم ڪري ٿي؟
(ج) هن اوزار مان ڪهڙو فائدو آهي؟

2- هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:

ايجاد	اوزار	فرض	لياقت	سڌارو

3- هيٺين لفظن مان مناسب لفظ چونڊي خال ڀريو:

ايجاد   پري   سڌو   فائدو

(الف) وڏن شهرن ۾ ٽيليفون جو.................... سرشتو آهي.
(ب) ٽيليفون، اليگزينڊر گرهام بيل نالي هڪ سائنسدان................ ڪئي هئي.
(ج) ٽيليفون مان ڪهڙو .... آهي.
(د) ٽيليفون جي معنيٰ آهي...................... جو آواز.

www.perfect24u.com

سَبق يارهون

اِبنِ بَطوطہ جو سنڌ جو سفر

مشهور مسلمان سيلاني شيخ ابوعبدالله اِبنِ بَطوطہ مراڪش جي ”طنج“ شهر ۾ ڄائو هو. هن سالن جا سال، دنيا جي مختلف ملڪن جو سير ڪيو. سفر دوران انهن ملڪن جي تاريخ، جاگرافي ۽ اتي جي ماڻهن جي ريتن رسمن ۽ رهڻي ڪهڻيءَ جو سفرنامو لکيائين.

اِبنِ بَطوطہ سنڌ ۾ بہ آيو هو. هن جي لکيل سفرنامي ۾، سنڌ بابت پڻ ڪجهہ احوال ڏنل آهي. اهو احوال آهي تہ مختصر، پر تاريخي لحاظ کان ان جي وڏي اهميت آهي. هو لکي ٿو تہ ”تاريخ پهرين محرم سن 734 هجريءَ ۾ اسان جو سنڌو درياءَ مان گذر ٿيو. هن درياءَ جو شمار وڏن دريائن ۾ ٿئي ٿو. گرميءَ جي موسم ۾ هن ۾ خوب چاڙهہ ايندو آهي. سنڌ جي پوک جو دارومدار هن ئي درياءَ تي آهي. سلطان محمد شاهہ تغلق جي حڪومت هتان کان شروع ٿئي ٿي. هتي اسان کي بادشاهہ جا خبر رسان مليا، جن اسان جي آمد جي خبر، ملتان جي امير قطب الملڪ کي ڏني، جيڪو ان وقت سيوهڻ ۾ رهيل هو.“

”اسين بہ منزلون اڳتي هلياسون تہ جناني شهر آيو. هيءُ وسيع ۽ خوبصورت شهر، سنڌو نديءَ جي ڪناري تي آباد آهي. هن ۾ سامره قوم جا ماڻهو رهن ٿا، جيڪي هتي جا قديم رهاڪو آهن. جناني کان پوءِ اسين سيوهڻ پهتاسون. هيءُ شهر ڏاڍو گرم آهي. هتي گدرا جام ٿين ٿا. مڇي بہ جام ملي ٿي. هن شهر ۾ کير سنو ۽ سستو ملي ٿو.“

”سنڌ ۾ درياءَ جي ڪناري تي گهاٽا ٻيلا آهن، جن ۾ انيڪ قسمن جا جانور رهن ٿا. رستي تي هلندي مون هڪ گينڊو ڏٺو. هيءُ جانور هاٿي کان ٿورو ننڍو ٿئي ٿو. هن جي مٿي تي ٻنهي اکين جي وچ ۾، هڪ سڱ ٿيندو آهي.“

www.perfect24u.com

”سنڌو نديءَ جي چوڙ وٽ لاهري بندر آهي. هيءُ شهر واپار جو وڏو مرڪز آهي. هتي ٻاهران ايندڙ مال تي سٽ لک دينار ساليانو محصول اگاڙي ٿو.“

”مون کي اهو بندر اتي جي گورنر سان گڏجي ڏسڻ جو موقعو مليو. لاهري بندر کان پوءِ مون ٻکر جو رُخ ڪيو. هيءُ به هڪ خوبصورت شهر آهي. هتي منهنجي ملاقات امام عبدالله حنفي ۽ شهر جي قاضي ابوحنيفه سان ٿي. هن شهر ۾ ڪجهه ڏينهن ترسي، اسان ملتان ڏانهن روانا ٿياسون، جتي سنڌ جو گورنر رهي ٿو.“

مشق

1- هيٺين سوالن جا جواب لکو:

(الف) اِبنِ بَطوطه ڪٿي جائو هو؟

(ب) هي سنڌ ۾ ڪڏهن آيو هو؟

(ج) لاهري بندر بابت اِبنِ بَطوطه ڇا لکيو آهي؟

2- هيٺين لفظن مان مناسب لفظ چونڊي خال ڀريو:

بندر ڏاڍو حڪومت چاڙهه

(الف) سيوهڻ شهر .... گرم آهي.

(ب) هتان سلطان محمد شاهه تغلق جي .... شروع ٿئي ٿي.

(ج) سنڌو نديءَ جي چوڙ وٽ لاهري .... آهي.

(د) گرميءَ جي موسم ۾ سنڌو درياءَ ۾ پاڻيءَ جو............. ٿئي ٿو.

www.perfect24u.com

سُٺو شهري

عام طرح شهر ۾ رهندڙ ماڻهن کي شهري يا شهر واسي چئبو آهي. پر هتي شهريءَ جي معنيٰ آهي، ڪنهن بہ ملڪ جو رهاڪو. سڀ ڪنهن شهر واسيءَ جا پنهنجي ملڪ ۾ حق هوندا آهن. ساڳئي وقت مٿس ڪي جوابداريون بہ هونديون آهن.

هر هڪ شهريءَ جي جان، مال ۽ عزت جي حفاظت، حڪومت جي ذمي هوندي آهي. شهريءَ کي پنهنجي ملڪ ۾ تعليم حاصل ڪرڻ، ڪاروبار ڪرڻ ملڪيت گڏ ڪرڻ ۽ گهر ناهڻ جو حق هوندو آهي. مذهبي آزادي بہ هر شهري جو بنيادي حق آهي، جنهن ڪري ڪيس پنهنجي عقيدي موجب عبادت ڪرڻ جي آزادي هوندي آهي. شهريءَ کي پنهنجي خيالن ظاهر ڪرڻ ۽ راءِ ڏيڻ، بي انصافي ٿيڻ جي حالت ۾ عدالت جو دروازو کڙڪائڻ جو بہ حق حاصل هوندو آهي.

ٻئي طرف وري هڪ سُٺي شهريءَ جو فرض آهي، تہ حقن حاصل ڪرڻ سان گڏ، جوابدارين جو بہ خيال رکي ۽ انهن کي پوري ڪرڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش وٺي. شهريءَ جو فرض آهي تہ هو ملڪ سان وفادار رهي، ملڪي قانون جو احترام ڪري ۽ ان تي پوريءَ ريت عمل ڪري.

هڪ شهريءَ جو اهو بہ فرض آهي، تہ هو پنهنجي ملڪ لاءِ محنت ڪري. پنهنجي وطن جي حفاظت لاءِ جان توڙي مال جي قرباني ڏيڻ لاءِ تيار رهي.

سُٺو شهري، حڪومت طرفان مقرر ڪيل ڍلون ۽ ٽئڪس پوري وقت تي ادا ڪندو آهي. ڪيس جيڪي ذميواريون سونپيون وينديون آهن، تن کي هو پوري ڪرڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش وٺندو آهي. سُٺو شهري ٻين شهرين جي عزت، جان ۽ مال کي ايتروئي پيارو رکندو آهي، جيترو پنهنجي جان، مال ۽ ملڪيت کي رکندو آهي.

www.perfect24u.com

اچو تہ پاڻ بہ عهد ڪريون، تہ سُٺا شهري ٿي رهنداسون ۽ پنهنجي پياري وطن جي خدمت ڪري، ان جو مان مٿانهون ڪنداسون.

مشق

1- هيٺين سوالن جا جواب لکو:

(الف) شهري ڪنهن کي سڏجي ٿو؟
(ب) هڪ شهريءَ جا ڪهڙا حق آهن؟
(ج) هڪ شهريءَ کي پنهنجي ملڪ لاءِ ڇا ڪرڻ گهرجي؟
(د) هڪ شهريءَ کي ڍلن ۽ ٽئڪسن بابت ڇا ڪرڻ گهرجي؟

2- هيٺين لفظن مان مناسب لفظ چونڊي خال پريو:

سو   هو   احمد   سُٺو

(الف) مون احمد کي سڏ ڪيو، پر .... ڪونہ آيو.
(ب) هي .... ڪتاب آهي.
(ج) جيڪو ٻئي لاءِ کڏ کٽندو..................... پاڻ ڪِرندو.
(د) تون اڄ تہ گڏجي .... جي گهر هلون.

3- هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:

رهاڪو	مٿانهون	سونپيون	وفادار	ڪڙڪائڻ

www.perfect24u.com

حُبُّ الوطني

هـــي منهنجو وطن آ، هي منهنجو وطن آ.

هتي خوب چمڪن ٿا، ســج، چنڊ، تــارا،
هتي زر وچائن ٿا، نوري نظارا،
نہ دنــيـــا ۾ هھڙو ٻيـو ڪو چـمـــن آ،
هي منهنجو وطن آ، هـــي منهنجو وطن آ.

هـــتـــي هـــر هلائين ٿا، شهزور هـــاري،
هـــتـــي لال هـــيـــرا لين ٿا هـــزاري،
اِرم آ سونهـــارو، ســـراســـر عـــدن آ،
هي منهنجو وطن آ، هي منهنجو وطن آ.

وطن پاڪ جي خـــاڪ، اکين کي لايـــان،
ڪتـــوري اهـــا تو لڳن کي لڳايـــان،
سچائيءَ سان پـــرپـــور سهڻو سُخـــن آ،
هي منهنجو وطن آ، هي منهنجو وطن آ.

- سليم ڳاڙهوي

مشق

1- هيٺين سوالن جا جواب لکو:

(الف) شاعر وطن جي خاڪ جي ڇا سان ڀيٽ ڪري ٿو؟
(ب) شاعر وطن جي ڪهڙين شين جي تعريف ڪري ٿو؟
(ج) ”اِرم آ سونهارو، سراسر عدن آ“ جو مطلب ڇا آهي؟

2- هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:

هزاري	شهزور	نوري	نظارا	خاڪ

www.perfect24u.com

وڏن جو چيو مڃجي

ڪبوترن جو هڪ وڏو ولر اُڏامندو تي ويو. اوچتو سندن نظر هڪ ميدان تي پئي، جتي اَنَ جا داڻا گهڻي انداز ۾ ڇٽيل تي ڏٺا. هو هڪ هڪ تي هيٺ لهڻ لڳا. انهن ۾ هڪ سياڻو ڪبوتر به هو، جنهن کين هيٺ لهڻ کان روڪيو ۽ چيو ته ”مون کي ايترو اَن ڏسي، هن ۾ دوکو ٿو نظر اچي. اگر ته هن ميدان ۾ هڪ داڻو به نه ٿي ڏٺو، تنهنڪري اچو ته ڪنهن ٻيءَ جاءِ تي هلي پنهنجو چوڳو ڳوليون.“ پر سندس ساٿين هن جي آواز تي ڪن نه ڏنو ۽ هيٺ لهي پيا، اُتي ڪنهن ماريءَ جار وڇائي ڇڏيو هو. جيئن هيٺ لٿا، ته ڦاسي پيا. ماري جو پري لڪل هو، سو ڪبوترن کي جار ۾ ڦاسندو ڏسي ڊوڙندو آيو.



هيءَ حالت ڏسي سياڻي ڪبوتر کين چيو ”اوهان لالچ ۾ ڦاسي، منهنجو چوڻ نه ورتو، ماري اچهو آيو. هاڻي اچو ته همت ڪري اُڏامون! اتفاق ۾ وڏي طاقت آهي. اسان جا پير ڦاٿل آهن، پر کنڀ آزاد آهن.“ اهو ٻڌي ڪبوترن گڏجي

www.perfect24u.com

اُڏامڻ لاءِ زور لاتو. ڄاريءَ جون ڪِليون نڪري پيون ۽ هو ڄار سميت مٿي اُڏامڻ لڳا. اُڏامندا اُڏامندا اهڙي هنڌ لٿا، جتي سندن هڪ پاڙيسري ڪُئي ڄار ڪتري، نيٺ کين آزاد ڪيو.

اسان کي هميشه پنهنجي وڏن جو چيو مڃڻ گهرجي.

مشق

1- هيٺين سوالن جا جواب لکو:

(الف) سياڻي ڪبوتر کين هيٺ لهڻ کان ڇو روڪيو؟
(ب) ڄار ۾ ڦاسڻ کان پوءِ، سياڻي ڪبوتر کين ڪهڙي صلاح ڏني؟
(ج) ڪبوترن ڄار مان ڪيئن پنهنجي جان ڇڏائي؟

2- هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:

ولر	چوڳو	ماري	ڄار	آزاد

3- هيٺين لفظن مان مناسب لفظ چونڊي خال پريو:

هميشه   ولر   ڄار   دوکو   پاڙيسري

(الف) اُتي ماريءَ .... وڇائي ڇڏيو هو.
(ب) اسان کي .... پنهنجي وڏن جو چيو مڃڻ گهرجي.
(ج) سندن هڪ .... ڪُئي ڄار ڪُتري نيٺ آزاد ڪرايو.
(د) ڪبوترن جو هڪ وڏو .... اُڏامندي ٿي ويو.
(هه) مون کي ايترو اَن ڏسي، هن ۾ .... ٿو نظر اچي.

4- هيٺين لفظن جا ضد لکو: جيئن: هيٺ ——— مٿي

آزاد .... وڏو............ اتفاق............ اڳ............ اچو............

www.perfect24u.com

سَبق پندرهون

ٽرئفڪ جا اُصول



اڄ موڪل جو ڏينهن هو. قربان پنهنجي ماءُ پيءُ سان گهر ۾ وينو هو. هن اخبار پئي پڙهي. اخبار پڙهندي، هن اوچتو رڙ ڪئي. ماءُ پڇيس ته: ”ابا، خير ته آهي.“

قربان: ”اَمان سپر هاءِ وي تي حادثي جي خبر آهي.“

ماءُ : ”اَبا، ماڻهو ته بچي ويا نه؟“

قربان: ”اَمان ٻه ماڻهو مري ويا آهن ۽ ڪيترائي زخمي ٿيا آهن.“ پوءِ هُن پيءُ کان پڇيو، ”بابا سائين، اهي حادثا ڇو ٿا ٿين؟“

پيءُ : پٽ، اهي حادثا ٽرئفڪ جي اُصولن تي نه هلڻ جي ڪري ٿا ٿين.“

www.perfect24u.com

قربان: ”بابا سائين، انهن حادثن کان ڪيئن ٿو بچي سگهجي؟“

پيءُ : ”ٽرئفڪ جي اصولن تي عمل ڪرڻ سان حادثن کان بچي سگهجي ٿو.“

قربان: ”ٽرئفڪ جا ڪهڙا اصول آهن؟“

پيءُ : ”پُٽ، رستي تي لڳل ٽرئفڪ سگنل ته تو به ڏٺا هوندا.“

قربان: ”ها بابا سائين، جن ۾ ڳاڙهي پيلي ۽ سائي بتي هوندي آهي!“

پيءُ : ”هائو پُٽ، اهي بتيون ٽرئفڪ کي ڪنٽرول ڪرڻ جا اشارا هونديون آهن.“

قربان: ”بابا سائين، ڳاڙهي بتيءَ جو ڇا مطلب آهي؟“

پيءُ : ”ڳاڙهي بتيءَ جو مطلب آهي ته گاڏي بيهاري ڇڏيو.“

قربان: ”بابا سائين، پيلي بتيءَ جو مطلب ڇا آهي.“

پيءُ : ”جيڪڏهن پيلي بتي ڳاڙهي بتيءَ کان پوءِ ٻرندي، ته ان جو مطلب ٿيندو ته هاڻي سائي بتي ٻرندي، ان ڪري گاڏيءَ کي هلڻ لاءِ تيار رکو.“

قربان: ”بابا سائين، جيڪڏهن پيلي بتي، سائي بتيءَ کان پوءِ ٻري ته پوءِ؟“

پيءُ : ”پوءِ ان جو مطلب ٿيندو، ته هاڻي ڳاڙهي بتي ٻَرندي، ان ڪري گاڏي ڍري ڪريو.“

قربان: ”بابا سائين، سائي بتيءَ جو مطلب ڇا آهي؟“

www.perfect24u.com

پيءُ : ”سائي بتيءَ جو مطلب آهي، تہ هاڻي گاڏي هلائي وڃي.“

قربان: ”بابا سائين، پنڌ هلڻ وارن لاءِ ڪهڙا اصول آهن؟“

پيءُ : پنڌ هلڻ وارن کي فٽ پاٿ تان هلڻ گهرجي.“

قربان: ”بابا سائين، پنڌ هلڻ وارن کي رستو ڪيئن پار ڪرڻ گهرجي؟“

پيءُ : ”ان لاءِ رستي تي پٽا پٽي پٽا نهيل هوندا آهن، جنهن کي زيبرا ڪراسنگ چئبو آهي. پنڌ هلڻ وارن کي اتان رستو پار ڪرڻ گهرجي.“

ماءُ : ”ان کان سواءِ رستن تي ٽريفڪ بابت بورڊن تي مختلف اشارا بہ لڳل هوندا آهن.“

قربان: ”امان، اُهي اشارا ڪهڙا آهن؟“

ماءُ : ”جيئن: رفتار جي حد، اڳيان موڙ آهي، چاڙهي آهي وغيره.“

قربان: ”توهان جي وڏي مهرباني. توهان ڏاڍيون ڪم جون ڳالهيون ٻڌايون.“

مشق

1- هيٺين سوالن جا جواب لکو:

(الف) اڄ ڇا جو ڏينهن آهي؟
(ب) قربان ڇا پئي پڙهي؟
(ج) سگنل ۾ ڪهڙي رنگ جون بتيون هونديون آهن؟
(د) ڳاڙهي بتي ڇا جو اشارو آهي؟
(هہ) سائي بتي ڇا جو اشارو آهي؟

2- هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:

رفتار	موڙ	پنڌ	ڊري	عمل	چاڙهي

www.perfect24u.com

هــاري

ٻــج نہ پوکي جي کو هــاري،
سِڪون ڪائڻ لاءِ عمر ســـاري.

پوءِ اکين سان ڏســون نہ اَن،
ميوو گل ۽ گاھ نہ پَـــن.

ڪپهہ جي کـــو پوک نہ ڪري،
ڪتـــان جيڪر پنھنجي ســـري.

ڪپڙا هــونــد نہ ڪڏهن مــلــن،
ٻُـــت ڍڪڻ لاءِ ماڻهـــو سِڪـــن.

ڪاريگر جـــي پوءِ هوشيـــاري،
ٿئي اجـــائـــي پَـــل ۾ ســـاري.

ڇا ڪو سِبي ڇـــا کو پَـــري،
استادي ڪيئن ظاهـــر ڪـــري.

جانيو سَرهہ نہ هاري پوکـــي،
تيل نہ ڪنهن پر ملي توکـــي.

ڪڙمي ڪم کان ڪري انڪـــار،
ســـاري دنـــيـــا ٿئـــي لاچـــار.

www.perfect24u.com

ڪڙمي ڪم وڏا تو ڪري،
ڪاڻ نہ ڪنهن جي هو تو ڊري.

ڪڙمي جي تعليم وَٽن،
چڱو سدارو جيڪر ڪن.

مشق

1- هيٺين سوالن جا جواب لکو:

(الف) جيڪڏهن ڪو هاري ٻج نہ پوکي تہ ڇا ٿئي؟
(ب) ڪڙمي جيڪر ڪپهہ جي پوک نہ ڪري، تہ ڇا ٿي پوي؟
(ج) اسان کي تيل ڪٿان ملي ٿو؟
(د) ڪڙمي ڪهڙا ڪم ڪري ٿو؟

2- هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:

اَن ....
ڪري ....
ملن ....
انڪار ....

3- هيٺين لفظن مان مناسب لفظ چونڊي شعر مڪمل ڪريو:

تعليم هوند وڏا ڪم

* ڪپڙا .... نہ ڪڏهن ملن،
بُت ڍڪڻ لاءِ ماڻهو سِڪن.

* ڪڙمي .... وڏا تو ڪري،
ڪاڻ نہ ڪنهن جي هو تو ڊري.

* ڪڙمي جي .... وَٽن،
چڱو سدارو جيڪر ڪن.

www.perfect24u.com

مخدوم نوحؒ (هالن وارو)

مخدوم نوح رحمة الله عليه پنهنجي وقت جو هڪ وڏو عالم ڪامل درويش ٿي گذريو آهي. سندس درگاهه هالا نوان ۾ آهي.

مخدوم صاحب جو اصل نالو لطف الله هو ۽ سندس والد جو نالو مخدوم نعمت الله هو. هي سن 911 هجري ۾ ڄائو هو. عام روايت آهي ته مخدوم صاحب جي والد کي هڪ الله واري فقير نوح هوتياڻيءَ جي دعا سان هي فرزند عطا ٿيو هو. ان فقير جي ئي وصيت موجب مخدوم نعمت الله، پنهنجي پٽ کي ”نوح“ جي نالي سان سڏيو، جنهن سان هي مشهور ٿي ويو.

مخدوم نوح رحمة الله عليه شروعاتي تعليم هڪ ڪامل ۽ نيڪ استاد مخدوم عربيءَ وٽان حاصل ڪئي. الله تعاليٰ هن کي ڏاڍو ذهن ۽ فهم عطا ڪيو هو. چون ٿا ته چوڏهن ورهين جي عمر ۾ هيءُ وڏي علم ۽ فضل جو صاحب بڻجي ويو.

مخدوم نوح رحمة الله عليه ننڍي کنڊ پاڪستان ۽ هِند جو پهريون عالم هو، جنهن فارسي زبان ۾ قرآن مجيد جو ترجمو ڪيو. اهو ترجمو هاڻي ڇاپيو به ويو آهي. مخدوم صاحب جا ٿورا سنڌي بيت به مليا آهن، جن مان پتو پوي ٿو ته هو وڏو شاعر پڻ هو.

هن بزرگ دين اسلام جي تبليغ لاءِ پنهنجن خليفن کي سنڌ جي مختلف حصن ۾ پکيڙي ڇڏيو هو. سندس مريدن ۾ ڪيترائي ڪرامت ۽ ولايت جا صاحب ٿي گذريا آهن.

www.perfect24u.com

مخدوم نوحؒ 998 هجريءَ ۾ وفات ڪئي. سندس جسم کي درياءَ جي پاڻ سبب ٻه ڀيرا سندس مزار مان ٻاهر ڪڍي، ٻئي هنڌ دفنايو ويو هو. موجوده مقبرو سندس دفن ٿيڻ جو ٽيون هنڌ آهي.

مخدوم صاحب جي مزار تي، هر مهيني پهرين سومر رات جو ميلو لڳندو آهي، جتي سڄي رات سماع، ذڪر، واعظ ۽ نصيحت ۾ گذرندي آهي. رجب جي مهيني ۽ ذوالحج جي پهرين سومر تي وڏا ميلا لڳندا آهن. ان ڪري شهر ۾ ڏاڍي رونق لڳي ويندي آهي ۽ واپار جام هلندو آهي.

مشق

1- هيٺين سوالن جا جواب لکو:

(الف) مخدوم نوحؒ جو اصل نالو ڇا هو؟
(ب) هن تي نوح نالو ڪيئن پيو؟
(ج) دين جي تبليغ لاءِ مخدوم صاحب ڪهڙو بندوبست ڪيو هو؟

2- هيٺين جملن لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:

ڪامل	عطا	فهم	واعظ	سماع

3- هيٺين جملن کي ناڪاري جملن ۾ بدلايو:

(الف) ڇا تون ڪراچيءَ ويندين؟
(ب) هو خط لکي رهيو آهي ڇا؟
(ج) احمد گهر آهي ڇا؟
(د) توکي پئسا گهرجن ڇا؟

www.perfect24u.com

مليريا

اُستاد: ڪالهه ڪان وٽي سليم اسڪول ڪونہ ٿو اچي؟

انور: سائين! سليم کي سيءُ تپ ٿي پيو آهي. ڊاڪٽرن جو چوڻ آهي تہ مليريا بخار ٿيو اٿس. اڄ هن دوا بہ ورتي آهي. سُئي بہ هڻائِي آهي.

منور: سائين! مليريا بخار ڇو ٿو ٿئي؟

اُستاد: مليريا هڪ وچڙندڙ بخار آهي. اهو مڇرن جي چَڪَ پائڻ سبب ٿئي ٿو.

انور: سائين! مڇر اها بيماري ڪهڙي ريت پکيڙين ٿا؟

اُستاد: انهيءَ مڇر جي پيٽ ۾ مليريا بخار جا جيوڙا هوندا آهن. مڇر جي چڪ پائڻ وقت اهي جيوڙا ان ماڻهوءَ جي رت ۾ ملي ويندا آهن. پوءِ ان ماڻهوءَ کي تپ ٿي ويندو آهي. وري جڏهن مڇر بيمار ماڻهوءَ جي رت چوسي تندرست ماڻهوءَ کي چڪ هڻندو آهي، تہ اهي جيوڙا ان ماڻهوءَ جي رت ۾ شامل ٿي ويندا آهن ۽ اهو بيمار ٿي پوندو آهي. اهڙي طرح هڪ ماڻهوءَ کان ٻئي ماڻهوءَ تائين اها بيماري پهچندي ويندي آهي.

www.perfect24u.com

رفيق: سائين! مليريا کان بچڻ لاءِ ڪهڙا اُپاءَ وٺڻ گُهرجن؟

اُستاد: مليريا کان بچڻ لاءِ سڀ کان پهريون اُپاءُ مڇرن کي ختم ڪرڻ آهي. مڇر پوسل وارن هنڌن، ڪِني پاڻيءَ جي ڪڏن ۽ نالين ۾ آنا لاهيندا آهن ۽ وڌندا ويجهندا آهن. ڪوشش ڪري انهن جاين تي مڇر مار دوائون هارجن، جتي مڇر وڌن ويجهن ٿا. گهرن ۾ به سال ۾ ٻه ڀيرا اهڙين دوائن جو ڦوهارو ڪرائڻ گهرجي، جيئن اتي لڪل مڇر مري وڃن.

آفتاب: سائين! بابا سائين جن چوندا آهن تہ هفتي ۾ هڪ ڀيرو ڪونين گوري کائڻ سان مليريا بخار کان بچاءُ ٿئي ٿو.

اُستاد: هائو! مليريا کان بچڻ لاءِ چڱي ڀلي ماڻهوءَ کي هفتي ۾ هڪ ڀيرو، ڪونين کائڻ گهرجي. مڇر جي چڪ کان بچڻ لاءِ مڇردانيءَ جو استعمال ڪرڻ گهرجي.

آفتاب: سائين! آءٌ گهر پهچي، سڀني کي مليريا کان بچاءَ جا اُپاءَ ٻُڌائيندس.

اُستاد: توهان کي گهر وارن کان سواءِ پاڙيوارن کي بہ اهي ڳالهيون سمجهائڻ گهرجن.

مشق

1- هيٺين سوالن جا جواب لکو:

(الف) مليريا بخار ڇو ٿو ٿئي؟
(ب) مڇرن جي چڪن کان بچڻ لاءِ ڪهڙا اُپاءَ وٺڻ گهرجن؟
(ج) مڇرن کي ناس ڪرڻ لاءِ ڇا ڪرڻ گهرجي؟
(د) مليريا بخار لاءِ ڪهڙي دوا استعمال ڪبي آهي؟

2- هيٺين جملن ۾ مناسب ظرفن وارا لفظ استعمال ڪري خال ڀريو:

(الف) گهوڙو .... ڊوڙي ٿو.
(ب) ڪير جو رنگ .... آهي.
(ج) ليمي جو سواد .... آهي.

www.perfect24u.com

ايڪو زنده باد

ڳالهه اهائي دل تي رکجو، ٻارو هردم ياد،
"ايڪو زنده باد."

ايڪي سان ئي قومون اُڀريون،
هر ڪنهن مشڪل مان پار اُڪريون،
آهي قوم عمارت وانگر، ايڪو تيو بُنياد،
"ايڪو زنده باد."

ايڪي ۾ ئي برڪت آهي،
ملڪ جي عزت عظمت آهي،
ٻارو، قائم دائم رکجو، ايڪو ۽ اتحاد،
"ايڪو زنده باد."

هت هتن ۾ ڏيئي هلجو،
ڏور الله جي ڏاڍي جهلجو،
مقصد جي شل منزل ماڻيو، شاد هجو آباد،
"ايڪو زنده باد."

www.perfect24u.com

مشق

1- هيٺين سوالن جا جواب لکو:

(الف) ٻارن کي هردم ڪهڙي ڳالهه دل تي ياد رکڻ گهرجي؟
(ب) قومون هر ڪنهن مشڪل مان ڪيئن پار اُڪريون آهن؟
(ج) نظم ۾ ڪنهن جي ڏور کي ڏاڍي جهلڻ جي تلقين ڪيل آهي؟

2- هم آواز لفظ لکو، جيئن: آباد ——— اتحاد

3- هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:

هردم	ايڪو	مشڪل	ڏور	ڏاڍي

4- هيٺيان شعر مڪمل ڪريو:

* ايڪي سان .... قومون اُڀريون،
هر ڪنهن مشڪل مان پار اُڪريون،
آهي قوم عمارت وانگر، .... تيو بُنياد،
”ايڪو زنده باد.“

* ايـــڪـــي ۾ ئـــي بـــرڪـــت آهي،
ملڪ جـــي .... عظمت آهي،
ٻارو، قائم دائم ....، ايڪو ۽ اتحاد،
”ايڪو زنده باد.“

www.perfect24u.com

بهادر ماءُ

سن 1843ع ۾ جڏهن انگريزن ۽ ميرن جي وچ ۾ لڙائي لڳي، تڏهن سنڌ جو حاڪم مير محمد نصير خان هو. مير صاحب جڏهن پنهنجي فوج سان گڏ جنگ جي ميدان ڏي روانو ٿيو، تڏهن سندس ڀائٽي، مير نورمحمد خان جي ننڍڙي پُٽ، مير حسين علي خان پنهنجي ڪمري ۾ پئي راند ڪئي. مير حسين علي خان جي امڙ، پڳدار مير صاحب کي جنگ جي ميدان ڏانهن ويندو ڏسي، پنهنجي پُٽ کي سڏ ڪري چيو:

”پُٽ! تنهنجو چاچو ۽ ڀاءُ دشمنن سان وڙهڻ لاءِ جنگ جي ميدان ڏانهن وڃي رهيا آهن، تنهنجو فرض آهي ته انهن سان گڏجي، جنگ جي ميدان ڏانهن وڃ. هڪ شهزادي جو مَرڪ آهي ته هو پنهنجي وطن جي حفاظت لاءِ سڀ ڪجهه قربان ڪري ڇڏي.“

مير حسين علي خان ماءُ جي ڳالهه ٻڌي ادب سان چيو ته ”امان! انهيءَ حڪم کي پوري ڪرڻ لاءِ تيار آهيان.“ اهو جواب ٻُڌي سندس ماءُ هٿيار ڪڍي آئي ۽ پنهنجي هٿن سان کيس پهرايائين. پوءِ مير حسين علي خان، ماءُ کان موڪلائي جنگ جي ميدان ڏانهن روانو ٿيو. ڪهڙي ماءُ چاهيندي ته سندس ننڍڙو ٻچو توبن، بندوقن ۽ تلوارن جي مُنهن ۾ وڃي؛ پر مير حسين علي خان جي ماءُ پنهنجي وطن پرستيءَ جو هڪ اعليٰ مثال قائم ڪري ڇڏيو.

ننڍڙو مير حسين علي خان جنگ جي ميدان ۾ وڃي پهتو. وڏي مير صاحب پنهنجي ڀائٽي کي جنگ جي ميدان ۾ ڏسي کيس موٽي وڃڻ لاءِ چيو؛ پر ننڍڙي مير صاحب جواب ڏنو ته: ”چاچا سائين! آءٌ ماءُ جي حڪم سان آيو آهيان.“ هن جذبي کي ڏسي، وڏي مير صاحب کيس ڏاڍو پيار ڪيو. مياڻيءَ وٽ

www.perfect24u.com

سخت جنگ لڳي. بلوچن ڏاڍو مقابلو ڪيو، پر ڪامياب نہ ٿي سگهيا. انگريز سپهه سالار چارلس نيپيئر وٽ جڏهن سيئي مير صاحب حاضر ٿيا. تڏهن ننڍڙي مير حسين علي خان کي ڏسي حيران ٿي ويو. جڏهن کيس خبر پئي تہ هيءُ ننڍڙو مير صاحب بہ جنگ جي ميدان ۾ موجود هو، تڏهن کيس وڏي عزت ڏيئي، سندس تلوار کيس موٽائي ڏنائين.

مشق

1- هيٺين سوالن جا جواب لکو:

(الف) انگريزن ۽ ميرن جي وچ ۾ لڙائي ڪٿي لڳي؟
(ب) اُن وقت سنڌ جو حاڪم ڪير هو؟
(ج) مير حسين علي خان کي سندس والده ڇا چيو؟
(د) مير حسين علي خان جنگ جي ميدان ۾ چاچي کي ڇا چيو؟
(ھ) چارلس نيپيئر مير حسين علي خان کي ڪهڙي عزت ڏني؟

2- هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:

مَرڪ	ڦهرائڻ	پڳدار	حاڪم	وڙهڻ

3- هيٺين لفظن مان مناسب لفظ چونڊي خال ڀريو:

لڙائي حاڪم راند ميدان

(الف) مير نورمحمد خان جي ننڍڙي پٽ، مير حسين علي خان پنهنجي ڪمري ۾ پئي .... ڪئي.
(ب) ننڍڙو مير حسين علي خان وڃي جنگ جي .... ۾ پهتو.
(ج) سن 1843ع ۾ جڏهن انگريزن ۽ ميرن جي وچ ۾ .... لڳي.
(د) تڏهن سنڌ جو .... مير محمد نصير خان هو.

www.perfect24u.com

شمسُ العُلمَاء ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽو

ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽي جو شمار، وڏي تعليمي ماهرن ۽ عالمن ۾ ڪيو وڃي ٿو. هيءُ سيوهڻ تعلقي جي ٿلٽي ڳوٺ ۾ سن 1896ع ۾ ڄائو هو. سندس پيءُ جو نالو محمد هو، جيڪو واڍڪو ڪم ڪري گذران ڪندو هو.

محمد پنهنجي پُٽ کي تعليم ڏيارڻ لاءِ ڳوٺ جي پرائمري اسڪول ۾ داخل ڪرايو. هيءُ ننڍپڻ کان ئي ڏاڍو ذهين هو. ويتر محنت ۽ شوق سان پڙهڻ ڪري، ڪلاس ۾ هميشه پهريون نمبر ايندو هو.

چار درجا سنڌي پاس ڪرڻ تي، سرڪار کيس انگريزي پڙهڻ لاءِ وظيفو ڏنو. هن پهريائين لاڙڪاڻي هاءِ اسڪول ۾ داخلا ورتي. ڪجهه وقت کان پوءِ نوشهروفيروز جي مدرسه هاءِ اسڪول ۾ داخل ٿيو، جتي پنجين درجي انگريزي تائين پڙهيو. وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچيءَ ويو. هو مئٽرڪ امتحان ۾، سڄي سنڌ ۾ پهريون نمبر آيو.

ان وقت جي حڪومت هن جي هوشياريءَ جو قدر ڪري، کيس اسڪالرشپ ڏني. هو ڪاليج ۾ پڙهندو هو ۽ نوڪري بہ ڪندو هو: ساڳئي وقت خانگي طور ٻارن کي پڙهائيندو هو. لاڳيتي محنت ۽ ڪوشش سان هو ايم.اي جو امتحان پاس ڪري ساڳئي ڪاليج ۾ استاد مقرر ٿيو.

ولايت ۾ اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ کيس سرڪاري وظيفو مليو. هن کي وڌيڪ ڳهربل رقم مير غلام محمد خان ٽنڊي ٻاگي واري امداد طور ڏني. اهڙيءَ طرح هو ولايت روانو ٿيو ۽ اتي سخت محنت ڪري پي.ايچ.ڊي جي ڊگري حاصل ڪيائين.

www.perfect24u.com

ولايت مان موٽڻ تي ڪجهه وقت لاءِ سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچيءَ جو پرنسپال تي رهيو. پوءِ جلد بمبئي جي ڪاليج ۾ پروفيسر مقرر ٿيو. سرڪار کيس علمي ۽ ادبي خدمتن جي ڪري ”شمسُ العُلمَاء“ جو خطاب ڏنو.

1939ع ۾ سنڌ جي تعليم کاتي جو ڊائريڪٽر پبلڪ انسٽرڪشن مقرر ٿيو. هن تعليم کاتي ۾ ڏاڍا سڌارا آندا. پينشن تي لهڻ بعد کيس پبلڪ سروس ڪميشن جو ميمبر مقرر ڪيو ويو.

ڊاڪٽر صاحب 22 نومبر 1958ع تي وفات ڪئي. کيس ڀٽ شاهه ۾ لطيف سائينءَ جي مقبري جي ڏکڻ ۾، قبي سان لڳو لڳ دفنايو ويو.

ڊاڪٽر دائودپوٽو مرحوم، هڪ ايماندار ۽ مثالي انسان هو. غربت هوندي بہ هو ڪشالا ڪري اعليٰ تعليم حاصل ڪري وڏي درجي تي پهتو. اسان کي سندس حياتيءَ مان سبق وٺڻ گهرجي.

مشق

1- هيٺين سوالن جا جواب لکو:

(الف) ڊاڪٽر دائود پوٽو ڪٿي ڄائو هو؟
(ب) ڊاڪٽر دائود پوٽي کي سرڪار ڪهڙو خطاب ڏنو هو؟
(ج) هي ڪٿي دفن ٿيل آهي؟

2- هيٺين جملن کي هاڪاري جملن ۾ بدلايو:

(الف) انور سنڌي لکي نٿو سگهي.
(ب) آءٌ حيدرآباد ڪونہ ويندس.
(ج) يوسف ڪالهه گهر ڪونہ هو.
(د) مون کي ڪتاب ڪونہ گهرجن.
(هہ) اڄ توکي خرچي ڪانہ ملندي.

www.perfect24u.com

فطرت جو اپياس

راضي ٿيو اسان تي، پروردگار آهي،
آيو بهار آهي.
جڻ بي قرار دل کي، مليو قرار آهي،
آيو بهار آهي.

شمشاد، سرو، سنبل، رابيل ۽ صنوبر،
خوش رنگ، خوب، خوشتر؛
هرهڪ شجر ٻہ هر جا، اڄ ميوه دار آهي،
آيو بهار آهي.

ساوڪ وڌي چمن ۾، گُل ڦُل ٽڙيا چمن ۾،
تي موج انجمن ۾؛
گُلشن سجوئي سهڻو ۽ سبزه زار آهي،
آيو بهار آهي.

ٻُڌ التجا الاهي! وچڙيا وري ملائين،
ڏُک، درد سڀ وڃائين؛
مُدّت کان هي ”نظامي“ اُميدوار آهي،
آيو بهار آهي.

- غلام احمد ”نظامي“

www.perfect24u.com

مشق

1- هيٺين سوالن جا جواب لکو:

(الف) شاعر بهار جي موسم جي ايتري تعريف ڇو ٿو ڪري؟
(ب) اوهان کي بهار جي مُند ۾ باغ جو نظارو ڇو پسند ايندو آهي؟
(ج) شاعر، الله تعاليٰ جي در تي ڪهڙي التجا ٿو ڪري؟

2- هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:

شجر	چمن	انجمن	سبزه زار	مدت

3- هيٺيان شعر مڪمل ڪريو:

* شمشاد، سرو، سنبل، .... ۽ صنوبر،
خوش رنگ، خوب، خوشتر:

هرهڪ شجر ۾ هر جا، .... ميوه دار آهي،
آيو بهار آهي.

* ساوڪ وڏي چمن ۾، .... ٽڙيا چمن ۾،
تي موج انجمن ۾:

گُلشن سجو ئي .... ۽ سبزه زار آهي،
آيو بهار آيو.

www.perfect24u.com

سيوهڻ

سيوهڻ، سنڌ جو هڪ قديم ۽ تاريخي شهر آهي، هن شهر جي چوڌاري دڙا ۽ مقام نظر اچن ٿا، جن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ هيءُ شهر اڳي ڏاڍو وسيل ۽ وڏو هو.

چون ٿا تہ سڪندرِ اعظم بہ سيوهڻ ۾، ڪجهہ وقت رهيو هو. هن اُتي هڪ قلعو بہ تعمير ڪرايو هو، جنهن جا نشان، اڄ بہ موجود آهن.

راءِ ۽ برهمڻ گهراڻي جي دور ۾ بہ سيوهڻ سنڌ جو اهم ۽ مکيہ شهر هو. ان وقت هيءُ صوبي جو مرڪزي شهر هو، جتي صوبائي حڪمران رهندو هو.

محمد بن قاسم، سنڌ تي ڪاهہ وقت، ديبل بندر کان پوءِ سيوهڻ فتح ڪيو هو.

ڪلهوڙن جي صاحبيءَ ۾، خدا آباد نالي نئون شهر ٻڌو ويو ۽ اهو سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ ٿيو، انهيءَ ڪري سيوهڻ جو اڳيون اوج گهٽجڻ لڳو ۽ هن شهر جا واپاري، عالم ۽ هنرمند لڏي اچي خدا آباد ۾ رهيا.

www.perfect24u.com

سيوهڻ جي ڪاشي ۽ سوٽي ڪپڙو، ڪنهن زماني ۾ ڏاڍو مشهور هئا. هي شهر عالمن ۽ درويشن جو مرڪز پئي رهيو آهي. اڪبر بادشاهه جي نَونَ رَتَن مان ملا فيضي ۽ ابوالفضل جا وڏا اصل ۾ هن شهر جا رهاڪو هئا.

هن شهر کي قلندر شهباز جي مزار سبب، وڏي مشهوري نصيب ٿي آهي. هن بزرگ جي مزار مٿان جيڪو اڳ گنبذ تعمير ٿيل هو، سو هندستان جي مشهور بادشاهه فيروز تغلق جي حڪم سان اڏايو ويو هو. پاڪستان سرڪار به، سيوهڻ شهر توڙي قلندر شهباز جي مقبري جي نئين سر سڌاري ۽ سونهن لاءِ گهڻي ڪوشش ورتي آهي ۽ سونو دروازو هڻايو آهي. هتي هر سال شعبان جي مهيني ۾ ٽي ڏينهن شاندار ميلو لڳندو آهي.

مشق

1- هيٺين سوالن جا جواب لکو:

(الف) سيوهڻ شهر جي قديم هجڻ جي ڪيئن خبر پوي ٿي؟
(ب) هن شهر ۾ ڪهڙي بزرگ جي مزار آهي؟
(ج) سيوهڻ جو اوج ڪهڙي سبب ڪري گهٽيو؟

2- هيٺين جملن مان اهڙا لفظ چونڊيو، جيڪي جملن جي بن ڀاڱن کي ڳنڍين ٿا:

(الف) هو اسڪول وڃي ها پر تپجي پيو.
(ب) مون ڇهون ۽ منهنجي ڀاءُ ستون ڪلاس پاس ڪيو آهي.
(ج) محنت ڪندي ته پاس ٿيندين.
(د) ڪتاب يا پينسل ڪڍي ڏي.

www.perfect24u.com

ٻن ٻِلين جي ڳالهه

اچـــي وڙهيون پـــاڻ ۾، ٻِليون هڪ ڏينهن،
ڦُنڊيون ۽ ڦوڪيون گهٽيون، وڙهيا تي چڻ شينهن.

سبب تنهن جهيڙي جـــو، رڳـــو هـــي هئو،
ته هڪڙي هئي سگهٽي، ٻيءَ کـــي هئو ڪئو.

بيٺيون هيون پٽ تي، انهي مهـــل اهـــي،
ميائون ميائو اُت ڪري، ڳنڍجي پيون سي.

ترڪيا پير تنهين جا، متو ويـــن قـــري،
متـــان ليٽيون اوچتـــو، پيون هيٺ ڪِري.

آين ڏک ڦهر جو، ڪريون جيئن متـــان،
ڪئو پڻ نڪري ويـــو، تنين جي هٿـــان.

تڏهن شرمنديـــون ٿيون، ٻِليون سي ٻيئي،
وڙهيون ٿي جنهن شيءِ لاءِ، سا هٿان تن ويئي.

چـــڏي هڪ ٻئي کـــي، هليون ڏيئي پُـــٺ،
وڙهن جيڪي پـــاڻ، تن جوڳي اها جُـــٺ.

www.perfect24u.com

مشق

1- هيٺين سوالن جا جواب لکو:

(الف) ٻلين جي وڙهڻ جو ڪهڙو سبب هو؟
(ب) ٻليون شرمنديون ڇو ٿيون؟

2- هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:

سگهڙي	مهل	شرمنديون	ڄُٽ	ڏک

3- هيٺيان شعر مڪمل ڪريو:

* ٽِرڪيا پير تنهين جا، .... وين ڦري،
متان ليٽيون اوچتو، پيون هيٺ ڪِري.

* آين ڏک قهر جو، ڪِريون جيئن متان،
ڪئو پڻ نڪري ويو، .... جي هتان.

* ٿڏهن شرمنديون ٿيون، .... سي ٻيئي،
وڙهيون ٿي جنهن شيءِ لاءِ، سا هتان تن ويئي.

www.perfect24u.com

خلق جي خدمت

الله جي آخري نَبِي صَلّي الله عَلَيه وآلهٖ وَسَلّمَ جَن فرمايو آهي تہ ”الله تعاليٰ ان شخص کان راضي رهي ٿو، جيڪو سندس مخلوق جي خدمت ڪري ٿو.“ بيشڪ الله جي بندن جي خدمت ڪرڻ هڪ عبادت آهي. الله جي مخلوق جي خدمت ڪرڻ جا بہ ڪيترائي طريقا آهن.

اسان جي ملڪ ۾ ڪيترائي ٻار توڙي جوان ماڻهو ملندا، جيڪي هن ترقيءَ جي زماني ۾ بلڪل اڻ پڙهيل ۽ علم کان ڪورا هوندا. اهڙن ماڻهن کي علم سيکارڻ لاءِ تعليمي ادارا قائم ڪرڻ هڪ وڏي خدمت آهي. ان کان سواءِ عام ماڻهن کي بيمارين کان بچائڻ لاءِ، اسپتالون قائم ڪري، مفت علاج جون سهولتون پيدا ڪرڻ بہ وڏو خير جو ڪم آهي. ان کان سواءِ اسان وٽ ڪيترا لاوارث ۽ يتيم ٻار موجود هوندا، جن جو الله کان سواءِ ڪوبہ سهارو نہ هوندو آهي. اهڙن ٻارن جي پرورش لاءِ مناسب بندوبست ڪرڻ، هڪ وڏي نيڪي آهي. الله ۽ ان جي پاڪ نبيؐ يتيمن سان پيار ۽ مهرباني سان هلڻ جو سخت تاڪيد ڪيو آهي.

اسان مان ڪيترا اهڙا ماڻهو ملندا، جيڪي پوري روزگار نہ ملڻ جي سبب پنهنجو ڪٽنب چڱي طرح نہ سنڀالي سگهندا هوندا. ڪيترا انڌا، منڊا ۽ ضعيف ماڻهو بہ هوندا، جيڪي پنهنجو پيٽ بہ پوريءَ طرح نہ پالي سگهندا هوندا.

اهڙن مسڪينن ۽ محتاجن لاءِ زڪوات يا ڪو ٻيو خيراتي فنڊ قائم ڪيو وڃي، جيئن انهن جي مدد ڪري سگهجي. ڪڏهن ڪڏهن ائين بہ ٿيندو آهي، جوملڪ ۾ ڏُڪار پوندو آهي. حڪومت توڙي سَرنديءَ وارن ماڻهن جو فرض آهي تہ اهي ڏڪاريل ماڻهن کي ڪاڌ- خوراڪ ۽ لَٽي ڪپڙي جي مدد ڪن.

www.perfect24u.com

اسان وٽ ڪئين اهڙيون عورتون ملنديون، جيڪي بيوهه ۽ لاوارث هونديون آهن، انهن جي سنڀال وارو ڪوبه نه هوندو آهي. اهڙين گهرجائو ۽ لاوارث عورتن لاءِ دارالامان جهڙا ادارا قائم ڪيا وڃن. اهڙن ادارن ۾ غريب عورتن جي هنري تعليم جو بندوبست هئڻ گهرجي.

هي باغيچا، پارڪ، جانورن جا باغ، لئبرريون، بلڊ بئنڪ جا مرڪز وغيره، سڀ عام ماڻهن جي ڀلائيءَ جا ادارا آهن. حڪومت توڙي سيني خير جي ادارن کي خدا جي مخلوق جي خدمت لاءِ هر وقت تيار رهڻ گهرجي.

مشق

1- هيٺين سوالن جا جواب لکو:

(الف) الله جي آخري نَبِي حضرت مُحمد صَلّي الله عَلَيه وآلِهٖ وَسَلّمَ جَن ڇا فرمايو آهي؟
(ب) اڻ پڙهيل ماڻهن کي علم سيکارڻ لاءِ ڇا ڪرڻ گهرجي؟
(ج) يتيمن ۽ بيوهه عورتن لاءِ ڪهڙو بندوبست هئڻ گهرجي؟
(د) عام ماڻهن جي ڀلائيءَ لاءِ ٻيا ڪهڙا ادارا آهن؟
(هه) حڪومت ۽ سَرنديءَ وارن ماڻهن جو ڪهڙو فرض آهي؟

2- هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:

مخلوق	قائم	پرورش	لاوارث	زڪوات

3- هيٺين لفظن مان مناسب لفظ چونڊي خال ڀريو:

بندوبست خدمت ملڪ دارالامان ادارا

(الف) الله جي مخلوق جي .... ڪرڻ جا ٻه ڪيترائي طريقا آهن.
(ب) اهڙن ٻارن جي پرورش لاءِ مناسب .... ڪرڻ هڪ وڏي نيڪي آهي.
(ج) اهڙين گهرجائو ۽ لاوارث عورتن لاءِ .... جهڙا ادارا قائم ڪيا وڃن.
(د) اهڙن ماڻهن کي علم سيکارڻ لاءِ تعليمي.................... قائم ڪرڻ هڪ وڏي خدمت آهي.

www.perfect24u.com

صحت جي سنڀال

اهي ماڻهو ڪيڏا نہ ڀاڳن وارا آهن، جن جي صحت سٺي آهي. زندگيءَ ۾ ڪامياب ٿيڻ لاءِ ٻين ڳالهين سان گڏ، سٺي صحت جو هئڻ بہ تمام ضروري آهي. بيمار ماڻهو، جيڪو پاڻ پنهنجي بت مان بيزار هوندو، سو زندگيءَ جي تڪليفن ۽ پريشانين سان ڪيئن مُنهن ڏيئي سگهندو. اهڙو شخص پنهنجي ڪٽنب توڙي قوم لاءِ بار ٿي پوندو آهي. سڀ ماڻهو ڪانئس پري ڀڄڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. ان ڪري تہ سياڻن چيو آهي، تہ "هڪ تندرستي هزار نعمتن جي برابر آهي."

هيڏانهن صحتمند ماڻهو سچ پچ تہ الائجي ڪيڏا وڏا ڪم ڪري پنهنجي خاندان ۽ ملڪ جو نالو روشن ڪندو آهي. سچي ڳالهہ اها آهي تہ صحت هڪ وڏي دولت اهي، جنهن جي سنڀال لاءِ هر وقت تيار رهڻ گهرجي.

صحت ڪيئن سلامت رهي. ان لاءِ ڪجهہ ضروري ڳالهيون ذيان ۾ رکڻ گهرجن. پهرين ڳالهہ جيڪا انسان جي جياپي ۽ صحت لاءِ ضروري آهي سا تازي هوا آهي. هوا صاف ۽ سٺي هوندي، تہ جسم بہ تازو توانو رهندو. پر جي هوا گندي ۽ زهريلي هوندي، تہ انسان موڳو ۽ بيمار رهندو. تازي ۽ صاف هوا رت کي صاف ڪرڻ ۾ مدد ڪري ٿي. ان ڪري جيترو ٿي سگهي، تہ تازي ۽ صاف هوا کائڻ گهرجي.

تندرستي قائم رکڻ لاءِ ٻي ضروري شيءِ صاف پاڻي آهي. بينل ۽ گندي پاڻي ۾ بيماريءَ جا جيوڙا ٿيندا آهن، تنهن ڪري ٿي سگهي تہ اوٻاريل پاڻي ڪم آڻجي.

زنده رهڻ لاءِ کاڌو بہ ضروي گهرجي، جيئن تيل کان سواءِ مشين هلي نٿي سگهي؛ تيئن انسان بہ کاڌي کان سواءِ جي نٿو سگهي. گهٽي

www.perfect24u.com

سٽيپ وارو يا ٻوڙ پلاءُ وارو ڪاڏو نہ هئڻ گهرجي. تازيون ڀاڄيون ۽ ڪڏهن ڪڏهن تازو گوشت ۽ مڇي صحت لاءِ سٺيون شيون آهن.

ورزش بہ صحت لاءِ ڏاڍي سٺي آهي. راند روند ڪرڻ، پنڌ هلڻ، ڊوڙڻ ۽ محنت سان پورهيو ڪرڻ جهڙيون ڳالهيون ماڻهن جي صحت سالم رکن ٿيون. ان ڪان سواءِ سٺيون عادتون، جن ۾ سوير سمهڻ ۽ سوير اُٿڻ ۽ نشيدار شين ڪان پرهيز ڪرڻ سٺي صحت قائم رکڻ لاءِ تمام ضروري آهن. پنهنجي ڪٽنب، قوم ۽ ملڪ جو سٺو ۽ صحتمند شهري ثابت ڪرڻ لاءِ، اسان سڀني کي پنهنجي صحت جي سنڀال رکڻ گهرجي.

مشق

1- هيٺين سوالن جا جواب لکو:

(الف) صحت يا تندرستي لاءِ سياڻن جا چيو آهي؟
(ب) سٺي صحت لاءِ ڪهڙيون ڳالهيون ضروري آهن؟
(ج) ڪاڏو ڪهڙي قسم جو کائڻ گهرجي؟
(د) ڪهڙيون سٺيون عادتون صحت سالم رکڻ ۾ مدد ڪن ٿيون؟
(هه) ڪٽنب، قوم ۽ ملڪ جو صحتمند شهري ثابت ڪرڻ لاءِ ڇا ڪرڻ گهرجي؟

2- هيٺين لفظن جا ضد لکو: جيئن: وڏا ——— ننڍا

بيمار ....
سوير ....
سُٺو ....
روشن ....

www.perfect24u.com

اُپت ۽ خرچ

اسلم ۽ سليم پاڻ ۾ ڀائر هئا. اسلم وڏو هو ۽ سليم ننڍو. پيءُ اسلم جي شادي ڪرائي ڇڏي هئي. سليم، ان شاديءَ جي مخالفت ڪئي هئي. هن چاهيو ٿي، تہ اسلم پهرين پڙهائي پوري ڪري، ڪنهن روزگار سان لڳي. سليم جي اها سوچ صحيح بہ هئي. ائين اسلم پنهنجن پيرن تي بيهي سگهي ها. پر هُن جي ڪنهن بہ ڪانہ ٻُڌي. ائين اسلم جي پڙهائي اڌ ۾ رهجي وئي. هاڻي هو ڳوٺ ۾ رهندو هو ۽ اَباڻي زمين سنڀاليندو هو.

زمين مان سُٺي اُپت ٿيندي هئي. گهر ۾ ڀاتي بہ ٿورا هئا، ان ڪري سُک سان گذارڻ لڳا: پر پوءِ سندس گهر ۾ هر سال ٻار پيدا ٿيڻ لڳو. هاڻي زمين جي اُپت تہ اُهائي رهي، پر خرچ وڌي ويو. پوري کاڌي ۽ علاج نہ هئڻ ڪري، سندس گهر واري بہ بيمار رهڻ لڳي. ٻار بہ ڪمزور پيدا ٿيندا هئا.

هوڏانهن سليم پنهنجي پڙهائي جاري رکي. هو زمين جي اُپت مان ڪجهہ ڪونہ وٺندو هو. شام جو نوڪري ڪري، پڙهائي جو خرچ ڪڍندو هو. ائين پنهنجي محنت ۽ ذهانت سان، هو وڏي عهدي تي وڃي پهتو. هاڻي هو شهر ۾ رهندو هو. شهر ۾ هُن شادي بہ ڪئي هئي. کيس بہ ٻار هئا.

اسلم جي گهر ۾ ڪو نہ ڪو بيمار رهندو ئي رهندو هو. ڪڏهن سندس گهر واري، تہ ڪڏهن ڪو ٻار. ان حالت ۾ هو شهر ۾ سليم وٽ اچي رهندا هئا. سليم ۽ سندس گهرواري سندن هر طرح جي مدد ڪندا هئا. ڪين ٽڪو بہ خرچ ڪرڻ نہ ڏيندا هئا. هينئر بہ هو سليم وٽ رهيل هئا. اسلم جي گهرواري سخت بيمار هئي. کيس اسپتال ۾ داخل ڪرايو ويو هو.

www.perfect24u.com

سُک جا سپنا ڪير نٿو ڏسي! اسلم به سُک جا سپنا ڏٺا؛ پر اهي سپنا سچ نه ٿي سگهيا هئا. گهر ۾ بيماريءَ هُن کي ڏار پريشان ڪري ڇڏيو هو. ڪيس سمجهه ۾ نٿي آيو، ته ڇا ڪري! زمين به خرچ ۽ محنت ٿي گهري ۽ اسلم وٽ نه خرچ هو، نه ئي وقت. زمين تي ڌيان نه ڏيڻ ڪري اُپت به گهٽجي وئي.

شام جي چانهه تي جڏهن هو سڀ گڏ ٿيا، ته اسلم پنهنجي پريشاني ٻڌائي. سليم ۽ اُن جي گهرواري ماٺ ڪري ٻڌندا رهيا. اسلم ڳالهائي بس ڪيو، ته سليم پڇيو: ”ادا، پوءِ توهان ڇا سوچيو آهي؟“ اسلم جواب ڏنو ته: ”مون سوچيو آهي، ته زمين مقاطعي تي ڏيان ۽ ڪو ڌنڌو ڪريان.“ هُن پنهنجي ڳالهه جاري رکندي چيو ته: ”ائين زمين به ٺهي ويندي ۽ قرض به لهي ويندو.“ ان تي سليم چيو ته: ”اهو ان مسئلي جو حل ته ڪونه ٿيو!“ سليم جي گهرواريءَ به چيس ته: ”ادا، جيڪڏهن ڌنڌي ۾ نقصان پيو ته پوءِ؟“ اها ڳالهه به صحيح آهي. اسلم چيو، ”ته پوءِ توهين ئي ڪو حل ٻڌايو!“ سليم جي گهر واريءَ چيس ته، اُن جو حل اهوئي آهي، ته اُپت ۽ خرچ ۾ توازن پيدا ڪيو وڃي.“ هُن پنهنجي ڳالهه جاري رکي: ”ڏسو نه وسيلا ته اُهي ئي ساڳيا آهن، پر توهان جو خرچ وڌي ويو آهي.“ اسلم ٿڌو ساهه ڀري چيو ته: ”ها، اُهو ته آهي؛ پر هاڻي مون کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟“ سليم صلاح ڏيندي چيو ته: ”وسيلن جو صحيح استعمال ڪرڻ گهرجي؟“ اسلم کي ڳالهه دل سان لڳي، پر هن چيو ته ”ان لاءِ به ته پئسو گهرجي. مون تي ته اڳي ئي گهڻو قرض آهي!“ سليم کيس دلاسو ڏنو ته ”پئسي جو بندوبست آءٌ پاڻ ئِي ڪندس.“

اسلم، سندن صلاح تي عمل ڪيو. اُپت ۽ خرچ ۾ توازن رکيائين. زمين تي ڌيان ڏنائين. جديد زراعتي طريقن سان زمين کي سڌاريائين. وقت تي فصل پوکيائين. سٺو ٻج ۽ پاڻ استعمال ڪيائين. ائين وسيلن جي صحيح استعمال سان، ڌيان ۽ محنت سان هن جي پريشاني ختم ٿي وئي.

www.perfect24u.com

مشق

1- هيٺين سوالن جا جواب لکو:

(الف) اسلم ۽ سليم پاڻ ۾ ڇا هئا؟
(ب) اسلم ڪٿي رهڻ لڳو؟
(ج) زمين ڇا تي گهري؟
(د) اسلم جي پريشاني ڪيئن ختم ٿي؟

2- هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:

پڙهائي	ڀاتي	سپنا	جديد	اُپت

3- هيٺين لفظن جا ضد لکو:

وڏو – اڏ – سُتو – سُک – صحيح

4- هيٺين لفظن مان مناسب لفظ چونڊي خال ڀريو:

صلاح – اُپت – جاري – بيمار – ماٺ

(الف) اسلم جي گهر ۾ ڪوٺو ڪو ....رهندو ئي رهندو هو.

(ب) زمين مان سٺي .... ٿيندي هئي.

(ج) سليم ۽ ان جي گهرواري .... ڪري ٻڌندا رهيا.

(د) اسلم سندن......................تي عمل ڪيو.

(هه) هوڏانهن سليم پنهنجي پڙهائي .... رکي.

www.perfect24u.com

سوپ جي خوشي

احسان کي هاڪي راند ڏاڍي وڻندي آهي. هاڪي پاڪستان جي قومي راند آهي. احسان سوچيندو هو، ته هڪ نه هڪ ڏينهن هو به قومي ٽيم ۾ شامل ٿي، ملڪ جو نالو روشن ڪندو. اسڪول ۾ به هو هاڪي راند کيڏندو هو. ٽي-وي تي جڏهن به هاڪي مئچ ايندي هئي، ته هو ڏاڍي دلچسپيءَ سان ان کي ڏسندو هو.

اڄ ته هو سوير کان ئي ٽي-وي آڏو اچي وينو هو. اڄ ميونخ اولمپڪ ۾ هاڪيءَ جو فائنل ٿي رهيو هو. فائنل ۾ پاڪستان جي هاڪي ٽيم کيڏي رهي هئي. احسان جي هٿ ۾ پاڪستان جو قومي جهنڊو هو. پروگرام جو وقت ويجهو آيو ته احسان جي ماءُ، پيءُ، ڀائر ۽ ڀينرون به ٽي-وي آڏو اچي وينا. جيسين مئچ شروع ٿئي. تيسين هو پاڻ ۾ ڳالهيون ڪرڻ لڳا.

احسان: ”بابا سائين، فائنل جي فيصلي ٿيڻ کان پوءِ ڇا ٿيندو آهي؟“

پيءُ : ”پوءِ کٽندڙ ٽيم کي ٻلا ڏنا ويندا آهن.“

ماءُ : ”اهي ٻلا ڪنجهي، چانديءَ ۽ سون جا هوندا آهن.“

احسان: ان کان پوءِ ڇا ٿيندو آهي؟

پيءُ : ”پوءِ انهن ٽيمن جا قومي جهنڊا ڦڙڪايا ويندا آهن.“

ماءُ : ”ها! ۽ قومي ترانا به وڄايا ويندا.“

احسان: ”بابا سائين، پاڪستاني ٽيم پَڪَ سان کٽي ويندي.“

پيءُ : انشاء الله.“

احسان: ”بابا سائين، ڏسجو وينا پاڪستان جو قومي جهنڊو ٻين جهنڊن کان مٿي ڦڙڪندو.“

پيءُ : ”انشاءالله پُٽ.“

www.perfect24u.com

هو پاڻ ۾ ڳالهيون ڪري رهيا هئا، تہ مئچ شروع ٿيڻ جو اعلان ٿيو. سيئي ماٺ ڪري مئچ ڏسڻ لڳا. پاڪستاني ٽيم جڏهن بہ مخالف ٽيم تي دباءُ ٿي وڌو، تڏهن احسان جو جوش ۽ جذبو ڏسڻ وٽان هو. هو پنهنجي سيٽ تان اُٿي ٿي بيٺو ۽ قومي جهنڊو ڦڙڪائڻ ٿي لڳو.

ٻيو هاف بہ ختم ٿيڻ وارو هو. پاڪستاني ٽيم ڪٽي رهي هئي. مخالف ٽيم گهڻا ئي حملا ڪيا، پر گول ڪرڻ ۾ ناڪام رهي. مئچ جون آخري گهڙيون وڏي ٻچيون هيون. نيٺ آخري وِسل وڳي ۽ مئچ ختم ٿي. پاڪستاني ٽيم فائنل کٽي چڪي هئي. سڀني گهر جي ڀاتين هڪ ٻئي کي مبارڪون ڏنيون. احسان قومي جهنڊو ڦڙڪائڻ لڳو.

پهريون، ٻيو ۽ ٽيون نمبر آيل ٽيمن جا نالا پڪاريا ويا. وڪٽري اسٽئنڊ تي پاڪستاني ٽيم جو ڪئپٽن بيٺو هو. ڪيس جڏهن سونو ٻلو پارايو ويو، تڏهن پاڪستان جو قومي جهنڊو ڦڙڪايو ويو ۽ قومي ترانو وڄايو ويو. احسان ۽ گهر جا ٻيا ڀاتي قومي جهنڊي ۽ قومي ترانی جي احترام ۾ اُٿي بيٺا.

مشق

1- هيٺين سوالن جا جواب لکو:

(الف) پاڪستان جي قومي راند ڪهڙي آهي؟
(ب) احسان جي هٿ ۾ ڇا جو جهنڊو هو؟
(ج) ڪٽندڙ ٽيمن کي ڇا ڏنا ويندا آهن؟

2- هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:

ڪٽي	دباءُ	هاف	وِسل	احترام

3- هيٺين لفظن جا ضد لکو:

سوير   آڏو   جيسين   ڪٽي   شروع   جڏهن

www.perfect24u.com

ڏاهو هاري

ڪنهن حاڪم پڙهو گهمايو تہ: آءٌ پنهنجو وڏو وزير ان کي بڻائيندس جيڪو منهنجن سوالن جا جواب پورا ڏيندو. ڪئين ماڻهو حاڪم آڏو آيا، پر هارائي موٽي ويا.

هڪڙي زميندار کي بہ اچي شوق ٿيو، سو نهي سنيري، گهوڙي تي چڙهي حاڪم ڏانهن پنڌ پيو. پاڻ سان پنهنجي هاريءَ کي بہ نوڪر ڪري وٺي هليو، جڏهن حاڪم جي دربار ۾ پهتا، تڏهن هنن کي شاهي مهمان ڪري رهايائون، بئي ڏينهن نوڪر کي اتي ئي ڇڏي، زميندار کي دربار ۾ وٺي ويا.

حاڪم زميندار کان ٽي سوال پڇيا: پيٽ ڪنهن جو چڱو. جَرُ ڪهڙو چڱو ۽ گل ڪهڙو چڱو؟ زميندار سوچي سمجهي جواب ڏنو تہ: پيٽ پلي جو، جَرُ کوھ جو ۽ گل گلاب جو چڱو.

حاڪم جو قاعدو هو تہ جيڪو شخص صحيح جواب نہ ڏيندو هو، تنهن کي قيد ۾ هٽي ڇڏيندو هو، تنهن ڪري هي بہ وڃي قيد ۾ پيو.

هاريءَ کي جڏهن خبر پئي تہ حاڪم سندس مالڪ کي سزا ڏيئي ڇڏي آهي سو اُمالڪ دربار ۾ ڪاهي آيو ۽ حاڪم کي اچي چيائين تہ: آءٌ بہ اوهان جي سوالن جا جواب ڏيڻ آيو آهيان. هاڻي پڇو جيڪي پڇڻو اٿوَ؟

حاڪم ۽ ان جي درٻارين گهڻو ئي سمجهايس، تہ توکان وڏا وڏا آيا، پر ڪوبہ جواب ڏيئي نہ سگهيو. تون انهيءَ ڳالھ تان لهي وڃ ۽ پنهنجي جان بچائي موٽي وڃ! پر هاري ڪونہ مڃيو، لاچار ٿي حاڪم ساڳيا سوال پڇيس تہ: پيٽ ڪهڙو چڱو، جر ڪهڙو چڱو ۽ گل ڪهڙو چڱو؟

www.perfect24u.com

هاري سوال ٻڌندي ئي چيس تہ: ”پيٽ ڀرتيءَ جو چڱو، جنھن ۾ سيڪجھ سمائجي وڃي ٿو. جَرُ ميهن جو چڱو، جنھن تي ساھوارن جو جياپو آھي. گل ونئڻ جو چڱو جيڪو سڄي خلق کي ڍڪي ٿو.“

اھو جواب ٻڌي حاڪم ڏاڍو خوش ٿيو ۽ چيائين تہ اڄ کان وٺي تون منھنجو وزير آھين. پر ھاريءَ چيو: تہ سائين! آءٌ تو وٽ رهي تنھنجي خدمت وينو ڪندس؛ پر جيڪو ٻني ٻارو ڪريان ٿو، تنھن مان سموري خلق سان گڏ پکي پکڻ جو قوت بہ ٿيندو آھي. مون کي ڇڏ تہ مان پنھنجي مالڪ کي وٺي وڃي خلق جي خدمت ڪريان. ائين چئي پنھنجي مالڪ کي ڇڏائي موٽي آيو.

مشق

1- هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

(الف) حاڪم ڪھڙو پڙھو گھمايو؟
(ب) زميندار ڪھڙا جواب ڏنا؟
(ج) ڏاھي ھاريءَ ڪھڙا جواب ڏنا؟

2- هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:

جَر	اُمالڪ	ميھن	قوت	خلق

3- هيٺين لفظن جا ضد لکو: جيئن: ڏاھو ——— بيوقوف

مالڪ ___________
سوال ___________
گُل ___________
پاڻي ___________
حاڪم ___________

www.perfect24u.com

سَبق ٽيهون

دُعــــا

ٿُون مالڪ ٿُون خالق ٿُون قادر ڪَريم،
اگهائِين دُعا شالَ رب عظيم.

سِڌي واٽَ دُعا شالَ قدم هي هَلنِ،
ٺَيُنِ مَنزِلن ڏانهن وڌندا رهن.

لکان ۾ پڙهان مان وڏي چاهه سان،
رکان سِڪَ ساٿيهه جي ساهه سان.

ڏِيئي جان اَنڌيرا پَجائي ڪيان،
ٿِرن تي ٿَڌي بُوند بڻجي وسان.

وڏن جو ادب ۽ ننڍن ساڻ پيار،
اِها نيڪ عادت ڪريان اختيار.

غريبن يتيمن سان اُلفت ڪريان،
وڏو تي وطن جي بہ خدمت ڪريان.

- امداد حسيني

مشق

1- هيٺين سوالن جا جواب لکو:

(الف) هن نظم ۾ ڪنهن کان دُعا گهري وئي آهي؟

(ب) هن نظم ۾ ڪهڙي دُعا گهري وئي آهي؟

2- هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:

خالق	ڪريم	عظيم	واٽ	چاهه	سِڪ	ساٿيهه

www.perfect24u.com